# تاريخ ريگستان

(ڀاڱو پهريون)

رائچند هريجن

سنڌي ادبي بورڊ
جام شورو/حيدرآباد سنڌ
١٤٠٩هه/١٩٨٨ع

Marfat.com

Collection of Prof. Muhammad Iqbal Mujaddidi
Preserved in Punjab University Library.

پروفیسر محمد اقبال مجددی کا مجموعہ
پنجاب یونیورسٹی لائبریری میں محفوظ شدہ

Marfat.com

زخ

جو4

RARY

Marfat.com

# تاريخ ريگستان

(ٻن ڀاڱن ۾ — ڀاڱو پهريون)

از

رائچند هريجن

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ
١٤٠٩هه/١٩٨٨ع

Marfat.com

پهريون ڇاپو ١٩٥٦ع تعداد ٢٠٠٠
ٻيو ڇاپو ١٩٧٧ع تعداد ١٠٠٠
ٽيون ڇاپو ١٩٨٨ع تعداد ٢٠٠٠

134253

[سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم]

قيمت: پنجيتاليهه رپيا
[Price: Rs.45.00]

ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال
تلڪ چاڙهي حيدرآباد سنڌ.

**II**

TARIKH-E-REGISTAN Part I (History of the Desert area of the province of Sind in Sindhi. Language).
By: RAICHAND HARIJAN.
Published by: Sindhi Adabi Board, Jamshoro, Hyderabad, Sind 1988.

---

هيءُ ڪتاب مسٽر حبيب الله صديقي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي پڌرو ڪيو ۽ مسٽر نور احمد ميمڻ پرنٽ مئنيجر جي نگراني هيٺ سنڌي ادبي بورڊ آفسٽ پريس ڄام شورو سنڌ ۾ ڇپيو.

Marfat.com

# ناشر طرفان

تاريخ ريگستان (ڀاڱو پهريون) سنڌي ادبي بورڊ پهريون ڀيرو سنه ١٩٥٦ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. ان جو ٻيو ڇاپو سنه ١٩٧٧ع ۾ شايع ٿيو هو. هي ٽيون ايڊيشن هن سال پيش ٿي رهيو آهي، ڪتاب جي مقبوليت جو اهو هڪ ڪليل ثبوت آهي.

هن ڪتاب جي اهميت ٻن خاص ڳالهين سبب اسان جي باقي ٻين شايع ڪيل ڪتابن کان اتم نظر ايندي، هڪ انهيءَ ڪري جو ريگستان جي تاريخ تي سنڌي ٻوليءَ ۾ هي پهريون مفصل ۽ آسان فهم ڪتاب آهي ۽ ٻيو انهيءَ ڪري جو هيءُ هڪ مقامي پرائمري استاد جي بي سرو سامان ذاتي تحقيق جو بي بها ثمر آهي. علم و ادب ۽ تحقيق جي ميدان ۾ سنڌ جي ٻين پرائمري استادن ٻن ٻاڻ موکيو آهي، جن ۾ استاد منگهارام اوجها جو "پراڻو پارڪر" جيڪو سنڌي ادبي بورڊ طرفان سنه ١٩٦٦ع ۾ شايع ڪيو ويو ۽ هن وقت ٻيهر اشاعت هيٺ آهي، ۽ ٻيا ڪيترائي ڪتاب جيڪي وقت بوقت شايع ٿيندا ۽ داد تحسين حاصل ڪندا رهيا آهن. انهن جا مصنف ڇهڙوڪ مرحوم محمد اسماعيل عرساڻي، الله بچايو يارمحمد سمو، مرحوم محمد سومار بدين وارو، ۽ حال حيات عالمن ۽ استادن ۾ محترم محمد عمر "معمور" يوسفاڻي، استاد محمد اسماعيل شيخ، استاد محمد حسين ڪاشف ۽ استاد ولي محمد طاهر زادو قابل ذڪر آهن.

Marfat.com

# پيش لفظ

سنڌي ادبي بورڊ جي ٺهراءَ موجب، هيءُ ڪتاب بندهٔ جي حوالي ڪيو ويو، انهيءَ لاءِ تہ شايع ڪرڻ کان اڳ نظرثاني ڪري ان ۾ ضروري درستيون ڪيون وڃن. ابتدائي اسڪول جي هڪ لائق استاد جو هيءُ قلمي ڪشالو قابل قدر سمجهي، باوجود مشغوليءَ جي مون هيءَ خدمت بجا آندي، ۽ سڄي ڪتاب کي پڙهي، ان ۾ ڪي درستيون ڪيم، جن جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي.

جيتري قدر ٿي سگهيو آهي، اوتري قدر ڪتاب جي زبان ۽ اسلوب بيان کي هموار ڪيو ويو آهي. هرهڪ باب هيٺ لنڍن عنوانن جي سٽاءَ کي پڻ سڌاريو ويو آهي. باب ٻيو ۽ چوٿون راجپوتن سان تعلق رکن ٿا، جن کي جيڪر گڏي پيش ڪجي ها؛ ساڳيءَ طرح باب ٽيون ۽ پنجون سومرن سان تعلق رکن ٿا، جن جي مواد کي جيڪر يڪجاءِ ملائجي ها؛ مگر ائين ڪرڻ سان اهي باب دوباره لکڻا پون ها، انهيءَ ڪري مصنف جي سٽاءَ کي قائم رکيو ويو آهي. هر باب اندر جتي جتي ضرورت محسوس ڪئي وئي، اتي ڪن عنوانن کي اڳي پوءِ ڪيو ويو آهي، انهيءَ لاءِ تہ مضمون جو سلسلو ملي بيهي؛ خصوصاً، باب ٻارهين کان سترهين تائين، مصنف جي اصلوڪي سٽاءَ کي بدلائي، سڄي مواد کي ائين سر ترتيب ڏيئي رکيو ويو آهي ۽ بابن جا عنوان پڻ نئين سر قائم ڪيا ويا آهن. ياد رهي تہ خود مضمون ۾ ڪابہ ڦيرڦار نہ ڪئي وئي آهي، فقط ترتيب ۾ سڌارو آندو ويو آهي.

تاريخي مواد جي، جيتري قدر ٿي سگهيو آهي، تصحيح ڪئي وئي آهي- البت ڪتاب جي ڪن ڀاڱن جو دارومدار روايتن تي آهي، جي تاريخي مطالعي لاءِ ڪارآمد ٿي سگهن ٿيون، بشرطيڪ انهن کي

Marfat.com

ڪتاب ڪسي ڪارائتي ڪرڻ لاءِ ڪارگر صلاحون ۽ وڌيڪ احوال موڪليندو ته احسان مند رهندس.

انسان عيبن جو گهر آهي: جيڪڏهن ناظرينن کي ڪي اوڻايون معلوم ٿين، ته نه رکو درست ڪرڻ فرمائين، پر هن ٻانڌي کي انهن کان آگاهه ڪن، ته ٻئي دفعي درستيون ڪيون وڃن. هن ڪتاب لکڻ جي مراد صرف ٿر جي تاريخي حقيقتن تي روشني وجهڻ آهي- پڙهندڙن جيڪڏهن الهيءَ مان فائدو ورتو ته آءُ پنهنجي ڪيل ڪوشش سڦائي سمجهندس.

چيلهار، ضلعو ٿرپارڪر سنڌ

تاريخ 1- نومبر 1953ع

- رائچند هريجن

Marfat.com

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| باب پهريون | ٿر ۽ پارڪر جو طبعي ڪيفيت ۽ پراچين حالت | ١ |
| باب ٻيو | ٿرپارڪر جا راجپوت | ٢١ |
| باب ٽيون | ٿر ۾ سومرن جي حڪومت | ٤١ |
| باب چوٿون | ٿر ۾ سوڍن ۽ راٺوڙن جي حڪومت | ٥٠ |
| باب پنجون | سومرن جي حڪومت جو اوائلي دور | ٦٠ |
| باب ڇهون | سومرن جي حڪومت جو پويون دور | ٨٥ |
| باب ستون | سوڍن جي حڪومت | ١١٦ |
| باب اٺون | پارڪر جي حڪومت | ١٤٤ |
| باب نائون | ڪلهوڙن جي حڪومت | ١٧١ |
| باب ڏهون | ٽالپرن جي حڪومت | ١٩٣ |
| باب يارهون | انگريزن جي حڪومت | ٢١١ |
| باب ٻارهون | حڪومت پاڪستان (1947) | ٢٤٨ |
| باب تيرهون | ٿرپارڪر جا مکيه ڳوٺ ۽ آدمشماري | ٢٥٥ |
| باب چوڏهون | ٿر ۾ رهندڙ قومون | ٢٦٤ |
| باب پندرهون | ٿرپارڪر جي معاشي حالت | ٢٨٣ |
| باب سورهون | ٿر جا رواج ورسمون | ٣١٢ |
| باب سترهون | ٿر جي تهذيب ۽ تمدن | ٣٣٧ |


Marfat.com

اُٺند جي ترائي: گڏڙي کان ٻه ميل ڏکڻ طرف، ننگرپارڪر ڏي ويندڙ رستي تي آهي. هن ترائيءَ ۾ ٽي-چار مهينا پاڻي رهندو آهي.

گڏڙي جو تلاءُ: گڏڙي شهر جي ڏکڻ طرف آهي. هن ۾ ڇهه مهينا کن پاڻي رهندو آهي.

راڻاسر تلاءُ: ڇيلهار ڳوٺ جي اتر طرف ڏيڍ ميل پنڌ تي عمرڪوٽ ڏي ويندڙ رستي تي آهي. هن ۾ پنج-ڇهه مهينا پاڻي رهندو آهي. ڇيلهار ۾ ٻي ننڍي ڇپڻي نالي ترائيءَ ۾ ٽي-چار مهينا پاڻي رهندو آهي.

کانو تلاءُ: چارڻور جي اوڀر طرف ميل پنڌ تي آهي، ڏوڪاري جي ڏهر ۾. هتي چار مهينا پاڻي رهي ٿو.

کينشسر جو تلاءُ: کينشسر ڳوٺ ۾ اوڀر طرف آهي. هتي چار مهينا پاڻي رهي ٿو.

مٺيءَ جو تلاءُ: مٺي شهر جي ڏکڻ طرف، هن ۾ اٽڪل ٽي مهينا پاڻي رهي ٿو.

پوڏيسر جو تلاءُ: پوڏيسر ڳوٺ وٽ. هن ۾ ست-اٺ مهينا بعضي ٻارهن مهينا به پاڻي رهي ٿو.

سانگاه ۽ لورائي: پارڪر ۾ وڏا تلاءُ آهن، جن جو بيان اڳي ڇڪو آهي.

ازالسواءِ پيا به ڪيترا ننڍا ننڍا تلاءُ آهن، جن ۾ ٿورو گهڻو پاڻي رهي ٿو.

## ۹- ٿر جا ڀاڱا

ملڪ جي بيهڪ، طبعي بناوت، زمين جي خاصيت، پلائي، پيلائي ۽ ٻين سببن جي ڪري ٿر جا جدا جدا ڀاڱا آهن، جيئن ته:

Marfat.com


نقشو
ٿرجا پاڱا
اڇڙو
نارو
ڪاٺ
مهراڻو
ڍاٽ
ونگو
ڪنٺو
سامروٽي
وٽ
وٽ
پارڪر

Marfat.com




134253

Marfat.com

سان پيدا ٿي: ابوپهاڙ تي اگني ڪنڊ مان پيدا ٿيا، تنهن ڪري انهن کي ”اگني ڪل“ يعني اگني (باهه) جي ڪٽنب وارا به چئبو آهي. اها اگني ڪنڊ، جنهن مان راجپوت پيدا ٿيل چون ۾ اچن ٿا، سا اڄ تائين ابوپهاڙ تي قائم آهي ۽ اها راجپوتن لاءِ وڏو تيرٿ جو آستان آهي.

راجپوتن جي جنم جي ڪهاڻي هڪ ڏند ڪٿا آهي، جا پرانن ۾ ڏنل آهي ۽ ڪرنل ٽاڊ صاحب به اهائي ڏني آهي. جاڪاڻ ته سڀئي هندستان جا راجپوت اها ڳالهه سچي ڪري مڃين ٿا (۱). پنهنجي هن حقيقت جي تصديق لاءِ هو ڪيترن شلا ليکن جا حوالا پيش ڪن ٿا. اهڙن اُن شلا ليکن جو احوال ”ڏاو رياست“ جي اتهاس ۾ آيل آهي. ابوجبل تي اچليشور مهاديو جي مندر ۾ هڪ ليک لکيل آهي، جنهن ۾ ڄاڻايل آهي ته پرمار دونهي مان پيدا ٿيو هو ۽ شترو ماريا هئائين.

راجا مونج کان پوئين شلاليکن ۾ ۽ اتهاسڪ پستڪن ۾ پرمارن جي وڏي جو ابوجبل تي مهرشي وسشٽ جي اگني ڪنڊ مان پيدا ٿيڻ برابر ڏيکاريل آهي، مگر اها ڪلپنا به اتهاس جي اندڪار ۾ پوءِ ڪيل معلوم ٿئي ٿي. پرمارن جي شلاليکن ۾ انهيءَ گهراڻي جي وڏي جو نالو ڌوم راج ڏيکاريل آهي. ڌوم معنيٰ دونهون، جو باهه مان پيدا ٿيندو آهي. شايد انهيءَ تي، پرمارن جي وڏي جو اگني ڪنڊ مان پيدا ٿيڻ ۽ انهن جو اگني ونسي چوائڻ جي ڏند ڪٿا، پوءِ سان گهڙت ٿي هجي ته عجب ڪونهي (۲).

”پرٿوي راج راسا“ ڪتاب موجب چار گهراڻا ابوجبل

---

(۱) ”سوڍن جي صاحبي يا راڻن جو راڄ“ مسٽر پيرو مل مهرچند آڏواڻي صفح ۱-۵.

(۲) ”امرڪوٽ اتهاس“ مسٽر تيج سنگ سولنڪي صفحو ۷۹.

ڪم ايندو هو. سوترڪال ۾ ڪٿي ڪٿي ”اگر“ اکر ڪم آندل آهي. جين گرنٿن ۾ به ۶۰۰ع کان ۱۲۰۰ع تائين راجپوت لفظ ڪم آندل نه آهي. ”پرٿوي راج راسا“ ڪتاب (جو چاند برڊائي چارڻ لکيو آهي) ۾ به راجپوت لفظ ڪم آندل ڪونهي. مسلمانن جي اچڻ تائين راجائون پاڻ کي کتري چوائيندا هئا ۽ پوءِ راجپوت اکر ڪم اچڻ لڳو (۱). راجپوت لفظ جي معنيٰ آهي ”راجه پتر“ يعني راجا جو پٽ.

## ۵- ’سنگهه‘ لفظ جو بنياد

کتري پنهنجي نالي جي پٺيان سنگ، سنگهه لفظ گڏيندا آهن: سنگهه لفظ جي معنيٰ آهي شينهن يعني بهادر. هن لفظ جو بنياد نين وڪرمي صدي کان ملي ٿو، جڏهن ايران جي راجا هندو سيپتا کي پنهنجو ڪري پنهنجي نالي سان گڏ سنگهه لفظ ويرتا جي ڪري لڳايو. پهريائين گجرات، راجپوتانا، مالوا، ڪاٺياواڙ ۽ دکن تي راڄ ڪرڻ واري شاڪ جاتي ايراني کترب ونسي بهادر راجا ردو داما جي پٽ، مها پرتابي راجا ردسنگهه جي وقت (شاڪ سنبت ۱۰۳ - ۱۱۸ = وڪرمي سنبت ۲۳۸ - = عيسوي سنه ۱۸۱ - ۱۹۶) جي مليل شلا ليکن ۽ سکن ۽ شاڪ سنبت ۱۰۳ وڪرمي ۲۳۸ ويساک سنڌي پنچم ۽ عيسوي ۱۸۱ جي مليل شلا ليک ۾ ان جي نالي سان گڏ سنگهه اکر لکيل ملي ٿو (ڏسو پائونگر انسڪرپشنس صفحو ۲۲). مالوا جي پرمار راجائن جي نالي جي پڇاڙيءَ ۾ سنگ لفظ لڳائڻ جو رواج، وڪرمي ۱۰ صدي ۾، ميواڙ جي گهلوتن ۾ ۱۲ صدي ۾، ڪڇواهن ۾ ۱۲ صدي جي پڇاڙي ۾، چوهاڻن ۾ تيرهين صديءَ ۾ ۽ مارواڙ جي راٺوڙن ۾ ۱۴ صدي ۾ جاري ٿيل سمجهجي ٿو. راجپوتن جي ڪري سکن جي ڏهين گرو

(۱) ”راجپوتانا اتهاس“، هندي، پاڳو پهريون، صفحو ۸.

ٿر جي سوڍن وٽ جي دستخط احوال آهن، تن مان معلوم ٿئي ٿو تہ وڪرمي سنبت ۱۰۵۴ = ۹۹۶ عيسوي ڌاري، الور، امرڪوٽ، ننگرپارڪر، مارواڙ جي راجا ڌرٺي براهہ جي هٿ ۾ هئا ۽ پنس جوگراج امرڪوٽ تي راج ڪندو هو (۱).

۹۷۴ عيسوي ڌاري آبو جي پرمار راجا ڌرٺي براهہ جو وڏو پٽ مهيپال عرف ديو راج آبو جو راجا ٿيو. ڌرٺي برهہ جي ٻئي پٽ باهڙ (هن کي ڇهڙواءُ، ڇاڙواءُ يا چارواءُ بہ چوندا هئا.) کي ٽي پٽ هئا: سوڍو، سانکلو ۽ باگهہ. سوڍي جو اولاد سوڍا، سانکلي جو اولاد سانکلا مشهور ٿيا (راجپوتن جون ساکون اهڙي طرح وڏن جي نالن تي ۽ ڪن حالتن ۾ ڳوٺن جي نالن تي مشهور آهن ۽ سڏجن ٿيون) جيئن تہ ڌرٺي براهہ جو وڏو پٽ مهپال آبو جو راجا ٿيو ۽ ٻئي پٽ باهڙ کي ڪجهہ بہ ڪونہ مليو، تنهن ڪري هو وڃي راڌنپور ۾ رهيو. جتان سندس وڏو پٽ نالي سوڍو سنڌ ڏي آيو (۲).

## ۷- امرڪوٽ تي پرمارن جي حڪومت

امرڪوٽ جي پراچين اتهاس جي پوري خبر ڪانهي، پر ڪن اتهاسن ۾ ٿورو احوال آهي، جنهن مان خبر پوي ٿي تہ ڇهين صدي عيسوي ڌاري، اتي پرمارن جي حڪومت هئي. لدروي ۽ پونگل جي يدو ونسي راجا منڌم راءِ امرڪوٽ جي پرمار راجا مسوڍ جي ڪنيا مان وهانءُ ڪيو (۳). منڌم راءِ کي انهي واڻيءَ مان ٽي پٽ ڪيهر، مولراج ۽ گوگلي نالي

(۱) "سنڌي ٻولي جي تاريخ" مسٽر ڀيرومل مهرچند آڏواڻي صفحو ۲۲۵.
(۲) "امرڪوٽ اتهاس" صفحو ۱۱.
(۳) "ناد راجستان" هندي ڀاڱو ٻيو صفحو ۱۱۸۶ - ۱۱۸۷ بحوالہ امرڪوٽ اتهاس.

Marfat.com

ڏيپلو، ڇاڇرو، ڇيلهار، اسلامڪوٽ، ڪانٽيو ۽ گڏڙو وغيره تازا وسايل آهن، جن جو بنياد ٽن چئن سون سالن جي اندر آهي.
امرڪوٽ، ٻاري ننگر، ننگر پارڪر، پوڏيسر، ويرا واهه، کيرڙي ۽ هنجتل وغيره (۽ ٻيا ڪي شهر هوندا جن جو اتهاس نٿو ملي) جهونا وسايل آهن.

Marfat.com

# باب ٽيون

## ٿر ۾ سومرن جي حڪومت

### ١- امرڪوٽ تي سومرن جي حڪومت

يارهين صديءَ جي وچ ڌاري يا ان کان ٿورو اڳ، امرڪوٽ تي پرمارن کان سوڍا راجپوتن حڪومت هٿ ڪئي. ان بابت سربستو احوال اتهاسن مان نٿو ملي، پر ”ٽاڊ راجستان“ موجب انهن ۾ هاڪارو راجا هميرسنگ سومرو ٿيو آهي (١)، جنهن پنهنجي فوج سميت پونگل جي ڀدوونسي راجا دوساجي (جو سنبت ١١٠٠ ۾ گاديءَ تي ويٺو) جي ملڪ تي، ١٠٤٣ع ۾ ڪاهي ڦرمار ڪئي. دوساجي کي جڏهين اها خبر پئي تڏهين هميرسنگ کي قاصد رستي چوائي موڪليائين، ته پنهنجي ڪيتري وقت کان دوستي آهي؛ وري توهان منهنجي راڄ ۾ ڦرمار ڪيو، اهو چڱو نه آهي. پر هميرسنگ هن جي ڳالهه نه مڃي، تڏهين دوساجي ڪاوڙجي راڄڌاني ڏات (امرڪوٽ) تي ڪاهي ويو؛ هميرسنگ کي شڪست ڏنائين؛ ڦرمار ڪري موٽي ويو (٢).

ڪڇ جي ڪيرڙي ڳڍ (٣) جو راجا وير ويهياس مڪوانو

---

(١) ”امرڪوٽ اتهاس“ صفحي ٢ ۾ نالو سميرسنگ آهي، شايد پروف جي غلطي هجي.

(٢) ”وقائع راجستان“ اردو ڀاڱو ٻيو، صفحو ٩٠.

(٣) ٿر جي بزرگن کان روبرو پڇاڻ ڪرڻ بعد معلوم ٿيو آهي ته ڪيرڙي ڳڍ ڪڇ ۾ ڪونه آهي، پر ٿر ڍوبڙن ۾ مٺي تعلقي ۾ مٺي

(بقايا صفحو ٤٢)

Marfat.com

## ٣- ٿر ۾ سومرن جي حڪومت

سوڍن جي اچڻ کان اڳ، پارڪر ۽ ڇاڇري جي اتر واري ڀاڱي کانڻ ڪانسواءِ سڄي ٿر تي، امرڪوٽ سميت ۽ بدين تعلقي تي، سومرا راجپوتن جي حڪومت هئي، جتي هو ڪيتري وقت کان وٺي حڪومت ڪندا پئي آيا.

ميجر جنرل هيگ، پنهنجي جوڙيل ڪتاب ”انڊس ڊيلٽا ڪنٽري“ جي صفحي ٧٣ تي لکي ٿو ته ”سنڌ جي لاڙ واري ڀاڱي ۾ پراڻ طرف جيڪي هندو حاڪم هئا (١)، سي جيتوڻيڪ خليفن جي ٻاران مقرر ٿيل هئا، ته به خودمختيار ٿي پئي گذاريائون“. مطلب ته سنه ١١٧٠ع کان وٺي ٿر ۾ سومرا راجپوتن جي بادشاهي هئي.

آخر سومرن جي سردار ابن سومار کي، غزنوي گهراڻي جي پوئين حاڪمن ملتان جو نواب مقرر ڪيو. جڏهين غزنوي گهراڻي جو پويون بادشاهه سلطان عبدالرشيد ڪمزور ثابت ٿيو ۽ حڪومت ڪسجي ويئي، تڏهين ابن سومار ساري سنڌ جو (سنه ١٠٥١ع) خودمختيار حاڪم ٿيو.

حقيقت ڪري سومرن جي قوم، ٻه سو سال اڳ سنڌ جي ڪن نڪرن تي قابض هئي، پر هو سنڌ جي حاڪمن جي تابعداري ڪندا ٿي آيا، جنهنڪري تاريخن ۾ جدا بيان نه ڪيو ويو آهي.

تاريخن مان معلوم ٿئي ٿو ته سومرن جي وڏي آبادي، اوير سنڌ جي ٿرپارڪر ضلعي ۾ ”ٿري“ شهر ۾ هئي. ۽ انهن جي پهرئين گادي ٿري شهر هو، پوءِ امرڪوٽ به ڪيتري وقت گاديءَ جو هنڌ رهيو. سلطان محمود غزنويءَ جي وقت ۾ انهن جو تخت گاهه منصوره هو، جنهن کي ابوالفضل

(١) شايد اهي سومرا راجپوت هئا.

Marfat.com

ڏرتيءَ جي سخت زلزلي سبب نابود ٿي ويو.

جڏهين رڻ سمنڊ هو، تڏهين هي مکيه سامونڊي بندر هو. هن جي ٻيڪين سرن جي جاين جا نشان سال ١٨٣٥ع برنس جي وقت تائين ڏسڻ ۾ ٿي آيا. سنه ١٦٤٥ع ۾ هڪ پيگل جهاز جو ڍانچو اتان هٿ ڪيو ويو هو، جو ڪپ ۾ ١٥ فوٽ هيٺ گتو پيو هو (١).

---

(١) ,,انٽي ڪئيز آف سنڌ،، صفحو ١٧٢.

Marfat.com

# باب چوٿون

## سوڍن ۽ راٺوڙن جي ٿر ۾ حڪومت

### ١- سوڍن جو سنڌ ۾ اچڻ

سنه ٩٧٤ع ۾ سنڌ ۾ ڏرٽي براهه جو وڏو پٽ مهيپال عرف ديوراج آيو جو راجا ٿيو. ٻئي پٽ باهڙ کي ڪڇ ڪونه مليو، تنهن ڪري هو وڃي راڌنپور ۾ رهيو. هن کي ٽي پٽ سوڍو، سانڪلو ۽ باگهه هئا (١).

سوڍو، سنه ١١٢٥ع برابر ١١٨١ سنبت ۾ سنڌ جي سومري حاڪم وٽ لنگهي آيو (همير سنگ کان پوءِ سومرن جا ڪيترا ۽ ڪهڙا حاڪم ٿيا سو ڪنهن به اتهاس ۾ چاڙهيل ڪونه آهي)، جنهن مهرباني طور کيس رتو ڪوٽ ڏنو. رتو ڪوٽ کپري تعلقي ۾، کپري شهر کان ٦ ڪوهه کن پري واقع آهي. اهو ڪوٽ هاڻي ڊٺو پيو آهي، مگر ان جا ڪنڊر اڃا تائين ديوري ناري جي ڪپ تي ڏسڻ ۾ پيا اچن، مگر رتوڪوٽ نالو اڃا قائم آهي (٢). ڪي چون ٿا ته سوڍو پاڻ سان راجپوتن جو وڏو ڪٽڪ وٺي آيو هو ۽ رتوڪوٽ سومري حاڪم کان پنهنجي طاقت جي زور سان ورتائين.

---

(١) "سوڍن جي صاحبي" صفحي ٧ ۾ لکيل آهي ته سوڍو ۽ سانڪلو شو ڪونڙي جي راجا چار راءِ جا پٽ هئا.

(٢) عام روايت موجب اهو ڪوٽ "رتي" نالي مغل ٻڌايو هو: مغل گهٽو پوءِ سنڌ ۾ آيا، انهيءَ ڪري اهو ڪوٽ به پوءِ جو آهي، مگر هن دند ڪٿا موجب انهن جاڙايل آهي.

Marfat.com

## ٤- سوڍن جو ٿر ۾ زور وٺڻ

امرڪوٽ هٿ ڪرڻ کان پوءِ سوڍن جي دل وڌي، ۽ هو ٿر جي ٻين ڀاڱن هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا، جنهن ۾ هو سوڀارا ٿيا. هن وقت جيڪو نارو ڊويزن آهي، سو سمورو سوڍن هٿ ڪيو ۽ سومرن کي هڪالي ايترو ته پري ڪيائون، جو رڳو پراڻ جو الهندو پاسو سومرن جي تابع هو، باقي ٻيو سمورو ٿر، پارڪر سميت سوڍا پنهنجي قبضي ڪري ويٺا. مٺي تعلقي جو ٿورو ڀاڱو ۽ ڏيپلي تعلقي جو گهڻو ڀاڱو، جنهن کي اڄ سامروٽي ٿا چون، سوڍن رڳو اهو پاسو ڇڏيو، جنهن ڪري انهيءَ پاسي سوڍا ٿورا آهن، ۽ ٻيو سمورو ڀاڱو سوڍن هٿ ڪيو، جنهن ڪري اتي سوڍا گهڻا آهن. سومرن کي ڪڇ جي رڻ ڏانهن هڪالي پوءِ ڪاڇ جي راڻوڻن کي به هڪالي سڄو ٿر پنهنجي قبضي ڪيائون.

## ٥- ٿر ۾ سوڍن جي حڪومت ۽ صوبا

سوڍن، امر ڪوٽ تي قبضي ڪرڻ بعد پنهنجي حد اڳتي مٺيءَ تائين وڌائي ۽ راڻوڻن کي لوڏي ڪاڇ به هٿ ڪيو، ۽ گادي نشين راڻي جي پاران اتي صوبا موڪليندا هئا. انهيءَ پاسي جيڪي راجپوت صوبا ٿي ويا، تن اتي ڇڇر ۾ هڪ ڳوٺ ٻڌايو، جنهن کي اول ڇڇر پوءِ ڇڇرو چوندا هئا، جو لفظنيت چاڇرو ٿيو: آس پاس جي حد کي ”چاڇراڻي“ چوندا هئا. اڄ تائين به انهيءَ نالي سان ٿري سڏيندا آهن.

چاڇري کان ٢٤ ميل اولهه طرف ڇيلهار جو ڳوٺ آهي جو ڇيلي نالي چارڻ (١) اتي اصلي هڪ کوهه لڌو هو، پوءِ

---

(١) ”سوڍن جي صاحبي“ صفحي ١٥ ۾ ڇيلو راجپوت لکيل آهي، جو غلط آهي، ڇيلو چارڻ هو. (ليکڪ)

Marfat.com

سومرن کي جڏهين سنه ۱۳۵۱ع ۾ڄام انڙ لوڏي ڪڍيو، تڏهين چار سال دربدر ٿيڻ بعد عمر سومري ٻيهر اچي سنه ۱۳۵۵ع ۾ امرڪوٽ تي قبضو ڪيو؛ امرڪوٽ سومرن جي هٿ ۾ ۱۳۵۵ع کان ۱۴۳۹ع تائين ۸۴ سال رهيو؛ نه ۱۰۹ سال، جيئن "امرڪوٽ اتهاس" ۾ ڄاڻايل آهي.

جيڪڏهين دودو امرڪوٽ هٿ ڪري ها ته سندس ڪٽنب ڄام ابڙي سمي وٽ ڪونه موڪلي ها. ڄاڪاڻ ته ابڙي امرڪوٽ جي سوڍن مان شادي ڪئي هئي (۱). جنهن ڪري هو سوڍن جي دشمن کي پناهه اصل ڪونه ڏئي ها؛ ڄام ابڙي وٽ سومريون، سوڍن جي صلاح؛ مدد سان موڪليون ويئون، نه ته دودي جو ابڙي سان ڪو لاڳاپو اصل ڪونه هو. واڻي ڏارابرش کان دودي نٿين نه، پر عمر سومري ٻئي پوءِ ۱۳۵۵ع ۾ امرڪوٽ هٿ ڪيو.

---

(۱) سنڌو پوسٽنس جي لاڪيچ، صفحي ۵۲ جو فوٽ نوٽ. بحوالہ ڪڇ نوڪارتڪيه جاڙيجو وير ڪنگهار، گجراتي صفحو ۹.

Marfat.com

انڊيا“، جلد ١ صفحو ٤٨٤) سر ايلئٽ صاحب.

٤- ميجر جنرل هيگ پنهنجي ڪتاب ”انڊس ڊيلٽا ڪنٽري“ صفحي ٤٣ تي لکي ٿو تہ ”سومرا اصل هندو هئا“.

٥- سومرا، جن جو سنڌ تي راڄ هو، سي هندو جاتي جا آهن. (”بمبئي پريزيڊنسي گزيٽيئر“ جلد ٧، سال ١٨٨٠ع صفحو ٩٩).

٦- سنڌ ۾ سومرا راجپوت پنهنجي بادشاهي برپا ڪئي (ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا، جلد ٣).

٧- مسٽر ڀيرومل مهرچند آڏواڻيءَ پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ“ صفحي ٢٢٧ ۾ لکي ٿو تہ ”سومرا اصل هندو راجپوت هئا“.

٨- شمس العلماءِ خان بهادر مرزا قليچ بيگ صاحب پنهنجي ڪتاب ”قديم سنڌ“ صفحي ٤١ ۾ لکي ٿو تہ ”سومرا اصل راجپوت هئا، جي پوءِ مسلمان ٿيا“.

٩- سنڌ جي آڪاٽين ۾ لکيل ”گجراتي اتهاس“ صفحہ ٢٤ ۾ دودي جو نالو ”ڏوڏو“ ۽ چنيسر جو نالو ”چنديشور“ لکيل آهي.

١٠- مسٽر اميدعلي ڪريم بخش هيڊماسٽر عمرڪوٽ پنهنجي ڪتاب ”سنڌ جو گجراتي اتهاس“ صفحي ٢٢ ۾ لکيو آهي تہ: ”سومرا اصل هندو هئا“.

١١- سومرا اصل سنڌ جا سومرا راجپوت ذات مان هئا. (ڪاٺياواڙ سروسنگره، صفحو ١١٦).

١٢- سومرا اصل چندرونسي هئا، ڇاڪاڻ جو سوم ۽ سُوم اهي ٻئي لفظ چندرما جا پرماڻ آهن. ڪيترا سومرا پاڻ کي عرب جاتيءَ جا قريشي سمجهن ٿا، ان جو ڪارڻ هي آهي تہ عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ بعد ڪيترا قريشي سنڌ ۾ آيا ۽ سومرن جي مسلمان ٿيڻ بعد انهن جو پاڻ ۾ سڱابنديءَ جو

Marfat.com

سومرا اصل هندو هئا ۽ پوءِ مسلمان ٿيا.

## ٢- سومرا ڪڏهن مسلمان ٿيا

سومرن جي مسلمان ٿيڻ بابت تاريخ دانن جا ڌار ڌار رايا آهن، جيئن ته:

١- پرسڌ اتهاسڪار راءِ بهادر پنڊت گوري شنڪر هيرا چند اوجها، سپرنٽينڊنٽ راجپوتانا ميوزيم اجمير، پنهنجي ”راجپوتانا اتهاس“ ۾ ١٢ صديءَ جي مليل شلالیکن ۾، سومري راجا جو نالو جسنگهہ ڏيکاريو آهي. ان موجب ١١ صديءَ تائين ته اهي هندو هئا.

٢- ”راس مالا“ ۾ لکيل آهي ته علاوالدين جي لشڪر دودي کي شڪست ڏني، ان کان پوءِ سومرا مسلمان ٿيا، چاڪاڻ ته ان وقت، جي سومرا مسلمان هجن ها ته پنهنجو اهل و عيال چام ابڙي جي شرڻ ڪونه موڪلين ها، جو هڪ هندو راجا هو.

٣- گجراتي ڪتاب ”جاڙيجو وير ڪنگهار“ جي صفحي ١١ تي لکيل آهي ته سنڌ جي سومرا ۽ سوڍا راجپوتن کي مسلمان بنائڻ وارو، گجرات جو حاڪم سلطان محمود بيگڙو هو. ”مرات سڪندري“ وارو ائين لکي ٿو ته هن سنڌ تي ٽي ڪاهون ١٤٧١ع، ١٤٧٢ع ۽ ١٥٠٢ع ۾ ڪيون.

٤- سومرا علاوالدين جي ڪاهہ بعد ڪڇ ڏانهن ويا. هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي ته اهي پنهنجي مکيءَ سميت الکپٽ جي اولهہ طرف رڻ مان لنگهي رهيا هئا، ته پاڻي کٽي وڃڻ سبب بلڪل وياڪل ٿيا، ان وقت هڪ بهاؤالدين نالي مسلمان اولياءُ پرگهٽ ٿيو ۽ هڪ ٿي کوهري مان سڀني کي پاڻي پياريو. ان جي اها ڪرامت ڏسي وڙسر (ڪڇ) ۾ اچڻ

Marfat.com

سناپا ديويءَ سان، ٻارهن سالن جي عمر ۾ شادي ڪئي هئي، جنهن جي پيٽان وير "سمٽ" جو جنم ٿيو (١). جيڪڏهين دودي، عمرڪوٽ سوڍن کان اڳي کسيو هجي ها، ته نڪي "هاسو" سوڍو مدد لاءِ وڃي ها، ۽ نڪو سوڍن جو عزيز چام ابڙو، سومرين کي پناهه ڏئي ها.

گجراتي ڪتاب "دودو اني چنيسر" صفحي ٣ ۾ لکيل آهي ته "ابڙو، سنبت ١٣٣١ ۾ ڄائو هو، جو برابر سال ١٢٧٤ع آهي". ڪن ڪتابن ۾ چام ابڙي جي عمر، علاوالدين جي لشڪر سان لڙائي ڪرڻ وقت، ٢١ سال ڄاڻايل آهي جا ڳالهه غلط آهي. ڇو ته علاوالدين سان لڙائيءَ وقت چام ابڙي ڀريائين پنهنجو پٽ "سمٽ" موڪليو هو، ان جي مرڻ بعد ابڙو پاڻ ميدان ۾ آيو. سنڌ ۾ پڙهن ۾ مڱڻهارن جي ڏند ڪٿائن، سنڌي قصن، توڙي ڪيترن ڪتابن ۾ سمٽ جي لڙائيءَ جو احوال آيل آهي، ۽ ٻيو پٽ ٻه هوس جو ننڍڙو هو، ان سان سنڌس گهراڻو اڄ تائين هليو اچي. جيڪڏهين ابڙو پاڻ ٢١ سالن جو هجي ها، ته سندس پٽ سمٽ ڪيئن لڙائيءَ جي ميدان تي اچڻ جيڏو هجي ها، اها عمر درحقيقت سمٽ جي آهي. ابڙي ١٢ سالن جي عمر ۾، عمرڪوٽ سان شادي ڪئي هئي. جوانيءَ جي وقت ١٨ يا ١٩ سالن جي عمر ۾ جيڪڏهين سمٽ ڄمي ها، ته به ابڙي جي عمر لڙائي وقت انڪل ٣٩ سال ٿئي ٿي، جڏهن ته سندس جنم ١٢٧٤ع ۾ ٿيو، انهيءَ حساب سان (١٢٧٤+٣٩) ١٣١٣ع لڙائيءَ جو سال نڪري ٿو، جيئن ڪڇ جي اتهاس ۾ ڄاڻايل آهي. ۽ وير سمٽ جي عمر به ٢١ سال ٿئي ٿي. اهوئي علاوالدين جي

(١) "انتخاب تاريخ طاهري" ۾ بادشاهه جو نالو سلطان علاوالدين لکيل آهي، پر عمر سومرو ١٣٥٥-١٣٩٠ع تائين هو، ۽ سلطان علاوالدين ١٢٩٥-١٣١٥ع تائين هو. تنهن ڪري اهو ڪو دهليءَ جو ٻيو بادشاهه هوندو.

Marfat.com

پروفيسر محمد حبيب جي تاريخ "سلطان محمود غزنوي"، صفحو ٣٨-٥٠، الهه آباد اڪيڊمي، سال ١٩٤٠ع).

چار سؤ قبل مسيح، سنڌ ۾ ڪلان ڪوٽ ۽ نيرون ڪوٽ هندن جا قلعا هئا. انهن قلعن کان سواءِ، راءِ گهراڻي جي راجائن وٽ اَڇ، مائيلو، سيوراءِ مائو، سيوستان، نيرون ڪوٽ، الور، برهمڻآباد، ۽ ديول مشهور ڪوٽ هئا، جن جي ڪيرائڻ لاءِ عرب فاتحن منجنيقون استعمال ڪيون هيون ("چچ نامو" صفحو ١٥-١١٥، شمس العلماء ڊاڪٽر عمر محمد دائود پوٽو، سابق ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن سنڌ، سال ١٩٣٩ع).

ڪاٺياواڙ ۾ راجڪوٽ مسلمانن جي دور کان اڳ جو وسايل آهي، ۽ هندن جي راڄڌانيءَ جو هنڌ هو.

اچوڪا ڪي ليکڪ چون ٿا ته "ڪوٽ" لفظ اسلامي ڪلچر جو آهي، جيڪڏهين هندن جو وسايل هجي ها ته "ڪوٽ" لفظ نه هجي ها. هندو، ڪوٽ جي بدران "ڳڙهه" (گڊ) لفظ ڪم آڻيندا آهن، وغيره. مگر مٿين احوالن مان معلوم ٿيندو ته ڪوٽ لفظ جو اسلامي ڪلچر سان لاڳاپو ڪونه آهي، ۽ نڪو هرو ڀرو هندو پنهنجن قلعن کي "ڳڙهه" ۽ مسلمان "ڪوٽ" سڏيندا هئا.

ميرن جڏهين ٿر جو پاڳو سوڍن کان هٿ ڪيو، تڏهن مٿيءَ ۾ ١٧٩٥ع ۾ مير فتح علي خان هڪ قلعو جوڙائي، ان جو نالو "فتح ڳڙهه" رکيو ۽ نه "فتح ڪوٽ"، ان کان پوءِ ڇيلهار ۾ قلعو ٺهرائي، ان جو نالو "علي ڳڙهه" رکيو ۽ نه "علي ڪوٽ".

اهي نالا ڪجهه وقت چالو هئا، پر پوءِ وري اهي ڳوٺ پنهنجن اصلوڪن نالن سان سڏجڻ لڳا، جي اڄ ڏينهن انهن نالن سان سڏجن ٿا.

Marfat.com

هندستان ۾ علي گڙهه جتي مشهور مسلم يونيورسٽي
آهي. ڇا، اهو مسلمانن جي آباد ڪيل نه آهي؟ اهڙا ٻيا به
ڪيترا مثال آهن، جو مسلمان پنهنجي ٻڌايل شهرن کي
”گڙهه“، جي نالن سان سڏيندا هئا، جيئن نه سنڌ ۾ ”دين گڙهه“
جتي مدد خان جي ڪاهه وقت مير وڃي گڏ ٿيا هئا.

مٿين حقيقتن سان چٽيءَ طرح ثابت ٿيو ته امر ڪوٽ
نڪي امر سنگ جو ٻڌايل آهي، ۽ نڪي عمر سومري جو
ٻڌايل آهي. اهو شهر انهن ٻنهي جي حڪومتن کان آڳاٽو آهي،
۽ جناب مولوي حڪيم نجم الغني صاحب جي تحقيقات موجب،
اومره سومري جو ٻڌايل آهي (سومرا ان وقت هندو پرماو
راجپوت هئا)، جنهنڪري امرڪوٽ سڏبو هو، ۽ ان کي الف
سان لکڻ جو عام رواج هو، جو مولائي شيدائي جي لکڻ
موجب اڪبر اعظم جي زماني تائين امرڪوٽ الف سان لکبو
هو، پوءِ مسلمان مورخن جي خوش فهميءَ ڪري، ڦري
عمرڪوٽ ٿيو: اڄ تائين ڪيترا فاضل ليکڪ امرڪوٽ الف
سان لکن ٿا، جوئي صحيح لفظ آهي.

Marfat.com

هن جو ٿو ۾ آهي، سو ٻني ڪنهن ۾ به نه آهيس.“ ويچارو عمر تميم هن جي چالاڪين تي ويساهه ڪري ويو ۽ خوشيءَ وچان ڪپڙن ۾ نه ٿي ماپيو.

هڪڙي ڏينهن شاهي مجلس ۾، جنهن ۾ نشي جي حالت ۾ عمر تميم پنهنجي زال گنگا کي طلاق ڏني، جو ٻوءِ چيائونس ته ”انهيءَ طلاق ڏنل زال کي عمر سومري جي حوالي ڪر!“ جڏهين ائين به قبول ڪيائين، تڏهين انهن يڪدم گنگا کي ڪٺي عمر جي محلات ۾ موڪليو. جڏهين عمر تميم جا صبح جو نشا لٿا، تڏهين پنهنجي ڪئي تي ڏاڍو پشيمان ٿيو، ۽ سٽي ۾ مٽي وسائيندو، دهليءَ ڏانهن بادشاهه علاوالدين وٽ دانهن ڪٺي ويو. بادشاهه جڏهين اها ڳالهه ٻڌي، تڏهين يڪدم عمر سومري ڏانهن حڪم موڪليائين ته ”تون اسان جي دربار ۾ اچي ثابتي ڏي ته تون بيگناهه آهين، ۽ جيڪڏهين ائين نه ڪندين ته توکي سزا ڏيڻ لاءِ آءٌ پنهنجو زبردست لشڪر چاڙهي، تنهنجو ملڪ تاراج ڪندس ۽ تنهنجا ٻار ٻچا قيد ڪندس!“

پيغام پهچڻ سان عمر دهليءَ روانو ٿيو. اتي پهچي، بادشاهه اڳيان نذرانا پيش ڪيائين. جڏهين فريادي ۽ جوابدار جا اظهار ورتا ويا، تڏهين عمر سومرو ڏوهاري ثابت ٿيو ۽ سلطان کي ايترو ڏمر ٿيو، جو عمر سومري کي جنم ٽيپ جي سزا ڏنائين. عمر ڪيترا ڏينهن قيد ۾ هو، نيٺ ڪن معتبر ماڻهن جي سفارش تي سلطان هن کي انهيءَ شرط تي آزاد ڪيو ته آئيندي سال بسال دهليءَ جي حڪومت کي خراج پهچائيندو رهندو. انهيءَ ڏينهن کان وٺي، سومرا دهليءَ جي بادشاهن جا تابعدار ٿي رهندا آيا، ۽ عمر سوٽي عمرڪوٽ ۾

مومل اهو ڏسي سندس دامن ۾ هٿ وجهي عرض ڪيو ته ’منهنجا پيارا! آءٌ آسائتي ٿي آئي آهيان، سو مهرباني ڪري مون کي پناهه جو پاند ڏي.‘ پر راڻو نه مڙيو. مومل جي دل کي ڏاڍي چوٽ آئي، ۽ چيائين ته هاڻي سنسار ۾ رهڻ اجايو آهي! سو مايوس ٿي موٽي، گهر اچي ڪاٺين جو ڍڳ ڪرائي، ستي ٿيڻ لاءِ ان تي چڙهي ويٺي؛ ۽ پوءِ باهه ڏيارائين. راڻي کي ڪن ۾ اها خبر پهچي ويئي، سو ڊوڙندو آڙاهه ڏي آيو ۽ مومل مچ ۾ ڏسي، سندس به دل ڀرجي آئي: اکين ۾ آب آڻي، متل مچ ۾ ٽپو ڏيئي ڪاهي پيو، ۽ پتنگ وانگي مومل مٿان پاڻ صدقو ڪيائين.

(روح رهاڻ تان مدد ورتل)

Marfat.com

# باب ستون

## سوڍن جي حڪومت

سنه ۱۴۳۹ع ۾ همير سومري کان، راڻي همير سوڍي عمرڪوٽ تي قبضو ڪيو. انهيءَ عرصي اندر، يعني ۱۳۵۵ع کان (جڏهين عمر سومري عمرڪوٽ هٿ ڪيو)، سنه ۱۴۳۹ع تائين (جنهن ۾ راڻي همير عمرڪوٽ تي پنهنجو قبضو ڪيو)، يعني ۸۴ سالن ۾ هيٺين موجب راڻا ٿيا: ”ڌارابرش“ کان پوءِ ”راڻو دوجنشال“ ٿيو، ان بعد ”راڻو ڪينهرو“، ۽ ”راڻو اوتاردي“ ٿيو. آن وقت جيتوڻيڪ انهن وٽ حڪومت ڪانه هئي ته به قوم ڀاران کين ”راڻپ“ جو لقب هو، جيئن هن وقت به آهي.

### راڻو اوتاردي

هي مشهور ۽ هاڪارو راڻو هو. سندس وهانءُ مارواڙ جي راجا راءِ چونڊاجي (جنهن جي حڪومت وڪرمي سنبت ۱۴۵۱ کان ۱۴۸۰ تائين مارواڙ تي هئي) جي گهران ٿيو هو. ان وهانءُ جي خوشيءَ ۾ هن راڻي، ڀاٽن ۽ چارڻن کي گهڻو دان ڏنو هو؛ جنهنڪري انهن سندس ساراهه ۾ ڪيترائي ڇند ۽ ڪوتائون ٺاهيون هيون، جي اڄ به ماڻهو چاهه سان ڳائيندا آهن. راڻي اوتاردي کان پوءِ ”راڻو ٽڙو“ ۽ ان بعد ”راڻو همير“ گاديءَ تي ويٺو (۱).

---

(۱) ”آمرڪوٽ اتهاس“، صفحو ۵۰-۵۱

## راڻو همير

هي مشهور راڻو ٿي گذريو آهي. هن راڻي، سنه ١٤٣٩ع ۾، همير سومري کان، عمرڪوٽ جي حڪومت هٿ ڪئي. سنه ١٣٥٥ع کان ١٤٣٩ع تائين، عمرڪوٽ تي سومرن جو قبضو رهيو ۽ سوڍن جو زور ٽٽل هو. سومرن جو پوئيون حاڪم همير جيتوڻيڪ عمرڪوٽ جو حاڪم هو، ته به سنڌس وزير مينڌرو گهٽ نه هو؛ ۽ سوڍا به هاڻي زور وٺڻ لڳا هئا ۽ راڻن جي ڇتا به اڳئين کان وڌڻ لڳي، تنهنڪري همير سومري، پنهنجي حڪومت جي پائي پڪي ڪرڻ لاءِ راڻي مينڌري جي ڀيڻ سان شادي ڪئي، ۽ مينڌري کي، پنهنجو وزير مقرر ڪيائين. انهيءَ ريت راڻن سان رس رهائي پئي هليو، مگر پوءِ جڏهين همير ۽ مينڌري جي پاڻ ۾ اچي لڳي، تڏهين ملڪ ۾ بي بندوبستي ٿي پيئي، سوڍا سخت ناراض ٿيا. رعيتي ماڻهو به سومرن سان سنڌن ظلمن ڪري ڪڪ هئا، ۽ سما به سومرن جي برخلاف هئا. همير سوڍو ان وقت ۾ راڻو هو، جنهن اهو موقعو غنيمت سمجهي، همير سومري کان عمرڪوٽ کسي پنهنجي هٿ ڪيو. سما گهراڻي جي ٻهرئين حاڪم ڄام انڙ، ٿر جو پاسو ئي ڇڏي ڏنو هو، جنهنڪري ٿر ۾ راڻن جو راج هلندو آيو.

## راڻي همير جي پير پٿوري تي ڪاهه:

پير پٿورو، پرمار سوڍاونس مان، راڻي همير جو ڏوراهون سوٽ هو. هن جا وڏا ان وقت هاٿوڪي ماڙيءَ واري هنڌ (اڪري اسٽيشن پرسان) رهندا هئا. سنڌس پيءُ جو نالو "ماڏڻ" ۽ ڏاڏي جو نالو "پاڻ" هو. پير صاحب فقير تن ۽ وڏي ڪرامت وارا هئا، جنهنڪري ڪيترائي ماڻهو اچي سنڌس چيلا (مريد) ٿيا. ڏينهون ڏينهن مريدن جو تعداد وڌندو ويو، اهو ڏسي، راڻي

۾ اچي مليريا پيئي، جنھنڪري ڪيترا سپاهي مري ويا (۱).
اتان ۲ نومبر ۱۵۴۱ع = پهرين جمادي الاول ۹۴۸ھ، سيوهڻ
تي ڪاهي ويو. پنجن مهنن جي ڪوشش بعد، نااميد ٿي
موٽي ۴ مارچ ۱۵۴۲ع جي بکر ۾ آيو (۲). مرزا شاهه حسن
پٺيان ڪاهي آيو؛ جتان ٻن زميندارن جي مدد سان، چوپايو
مال ڪُهي، کلن جي وسيلي، درياهه اڪري هُن پر ٽپيو (۳).
۽ تڪليف بعد اچي روهڙيءَ پهتو، جتي ڪيترا سپاهي ۽ سردار
ڏڪ تي ڇڏي ويا: همايون دل لاهي مڪي شريف ڏي وڃڻ
جو ويچار ڪيو.

اجا انهيءَ خيال ۾ هو، ته جوڌپور جي راجا مالديو جو
قاصد پهتو ته 'جيڪڏهين جوڌپور ايندا ته ويهه هزار راجپوتن
جو لشڪر تيار ڪري ڏيندس'. انهيءَ پيغام پهچڻ تي همايون،
۷ مئي ۱۵۴۲ع = ۲۱ محرم ۹۴۹ھ، منزل ڪٽي بکر مان
روانو ٿيو ۽ ٻن مهنن بعد، ۲ ربيع الاول ۹۴۹ھ جي بيڪانير
پهتو. جتي، بادشاهه ڪن سڄڻن جي صلاح سان، سمندر بيگ
کي راجا مالديو ڏي موڪليو، جو ترت واپس آيو، ۽ بادشاهه
کي چيائين ته 'مون کي هُت حضور جن جي حق ۾ وفائي
۽ سچائي نظر ڪانه آئي'. بادشاهه جڏهين ڦلودي ڳوٺ ۾
پهتو (جو جوڌپور کان ۳۰ ڪوهه پري هو)، تڏهين وري
خاص جاسوس شمس الدين اتڪ کي راجا مالديو وٽ موڪليائين،
جنهن جلدئي خاطريءَ جهڙي خبر آڻي ڏني ته 'راجا، شيرشاهه
سان ملت آهي ۽ اوهان کي ڦاسائڻ لاءِ اهو چار پکيڙيو اٿس'.
ملا سرخ، جو اڳي همايون وٽ ڪتابچي هو، سو هينئر راجا
مالديو وٽ زيردست هو، تنهن همايون بادشاهه کي اڳواٽ

(۱) "هسٽري آف سنڌ"، جلد ۲، مرزا قليچ بيگ
(۲) "سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي جرنل"؛ جلد ۴، پارٽ ۴، صفحو ۱۸۳.
(۳) "تذڪرات الواقعات"، صفحو ۴۸.

Marfat.com

بادشاھہ جو قبضو ٿيو.

عمرڪوٽ جي راڻي، جيڪي خدمتون سنڌس ٻيءَ جون ڪيون هيون، سي ياد آيس ۽ پنهنجي جنم جي ڳالهہ بہ ياد ڪري، عمرڪوٽ جي راڻي کي لکيائين تہ "عمرڪوٽ منهنجي جنم جي جاءِ آهي، ۽ اوهان منهنجي والد محترم سان بلڪل وفادار ٿي رهيا هئا، تنهن ڪري اوهان کان ساليانو ڍل وٺڻ آءٌ حرام ٿو سمجهان، اوهان کي سڀ ڍلون معاف آهن". اڪبر بادشاھہ جي هن حڪم جي پڌرائيءَ ٿي سڄي ٿر ۾ واھہ واھہ ٿي ويئي، ۽ هرڪو ٿري ائين چوڻ لڳو تہ پهرين اڪبر بادشاھہ عمرڪوٽ ۾ ڄائو، جنهن ٿر مان "وائر" (ڍل) جو رواج بند ڪري ڇڏيو. شاھہ صاحب، ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾ جڏهين ٿر گهمڻ ويو هو، تڏهين بہ ڍل جو رواج ٿر ۾ ڪونہ هو، اها خبر وسالي مان سر مارئيءَ جي هيٺينءَ سٽ مان ملي ٿي:

"نڪا جهل نہ پلءِ، نڪو وائر ڏيهہ ۾."

پارڪر پاسي جن راڻن راڄ ڪيو ٿي، تن بہ اهوئي دستور اختيار ڪيو، ۽ سڄي ٿر مان ڍل جو نالوئي نڪري ويو (۱).

اڪبر کان پوءِ سنڌس پوين جي بہ نالي ماتر تابعداري هلندي آئي، تان جو سنہ ۱۷۰۹ع ۾ دهليءَ جي بادشاھہ شاھہ عالم، عمرڪوٽ پرانت، جوڌپور جي راجا اجيت سنگھ کي عنايت ڪيو هو، مگر پوءِ ترت ئي وري سوڍن عمرڪوٽ تي قبضو ڪري ورتو، جن کان وري ميان نور محمد ڪلهوڙي اهو شهر هٿ ڪيو.

---

(۱) "سوڍن جي صاحبي"، پيرومل مهرچند: صفحو ۲۲.

Marfat.com

## راٺو ايسرداس

راڻي پرشاد کان پوءِ راٺو چندرسين، راٺو پوڄراج، ۽ راٺو ايسرداس ٿيا. اسيرداس کي جيسلمير جي راجا راول سبل سنگ وڪرمي سنبت ١٧١٠ ۾ گادي تان لاهي، راڻي گانگي جي پوٽي جئه سنگ عرف جگ سنگ کي، عمرڪوٽ جي گاديءَ تي وهاريو. راڻي جئه سنگ کان پوءِ راٺو سرتان سنگ، راٺو آسڪرڻ، راٺو سنگرام سنگ، راٺو ميهراج ۽ راٺو ڪيسر سنگ گادي نشين ٿيا.

## راٺو ڪيسرسنگ

هن راڻي جي ڏينهن ۾، اڪيراج سوڍو، عمرڪوٽ جي الهندي طرف رهندو هو. هن جون ڀانهيون (ٻجيرياڻيون)، لانبي تلاءَ تي پاڻي ڀرڻ وينديون. اتي راڻي ڪيسر سنگ جا ساٿهو بيٺل هئا، جي هنن کان زوريءَ پاڻي ڀرائي راڻي لاءِ وٺي وياه ٻجيرياڻين موٽي اچي اها ڳالهه اڪيراج سان ڪئي، جو نهايت ڪاوڙيو ۽ سڀني ساڍورن (١) کي گڏ ڪري راڻي کي مارڻ جي صلاح ڪيائون. انهيءَ ڪم لاءِ چوهاڻ نالي ساڍور کي چيائون، جنهن قبول ڪيو، پر هن کان اهو ڪم ٿي نه سگهيو، تڏهين ٻئي ڪنهن هٿان راڻي جو خون ڪرائي، ٻار جا وٺي ڳوٺ ڪانٽڻي جي پرسان هڪ ڀٽ تي اچي رهيا، جتي ٻنيان عمرڪوٽ مان سوڍا ڪاهي آيا. آڌڪي جي تڙ وٽ لڙائي لڳي، پر ڪو فيصلو ڪونه ٿيو. سوڍا موٽي ويا، ۽ اڪيراج جي گهر انهيءَ رات ٻٽ ڄائو، جنهن جو نالو ڪسل سنگ رکيو ويو. انهيءَ ڪري انهيءَ ڀٽ کي اڄ تائين 'ڪسل ڪوٽ، ڪري سڏيندا آهن.

---

(١) ساڍور، سوڍن جي ساک آهي، جنهن کي "ساڍور سوڍا" چوندا آهن.

Marfat.com

چگو نہ آهي، انهن ڳالهين کان پڇڻ گهرجي (۱).

ڪڇ ۾ انهيءَ رواج کي روڪڻ لاءِ، ڏيسرجي پنهنجي، قاعدو پاس ڪيو تہ اگهتي جيڪڏهين ڪوبہ پنهنجي ڌيءَ کي ماريندو، تہ قاعدي جو ڏوهاري ٿيندو (۲).

انگريزن جي راڄ ۾ اهو رواج نڪري ويو، جو سرڪار قانونا اهو ڏوهہ ٺهرايو.

(۱) "راجپوتانا اتهاس" هندي، صفحو ۱۰۲.
(۲) "ڪڇ جو اتهاس" گجراتي، صفحو ۱۵۳.

Marfat.com

# باب انون

## پارڪر جي حڪومت

### ١- پاري ننگر

"پارڪر" جو پورو اتهاس ملي نٿو سگهي: ڪئپٽن ريڪس صاحب جي لکڻ موجب، عيسوي ٻارنهين صديءَ ۾ "پاري ننگر" وڏو شهر هو. ان وقت هن جي آبادي چاليهه هزار هئي ۽ وڏو بندرگاهه هو. ڪڇ جو رڻ ان وقت سمنڊ هو، جتان جهاز لنگهي پاري ننگر ۾ "ڏوتڙ" وٽ بيهندا هئا. "سڏونت – ساونگا" جي ڪهاڻي مشهور آهي. "ساونگا"، پاري ننگر جي ويٺل هئي، جنهن "سڏونت" کي اچڻ لاءِ پنهنجي گهر جو ڏس پتو هيٺين نموني ڏنو:

"پاري ننگر پڌارجو، ڪر جو لنبا ويس:
جس گهرناريل رونکڙا آس گهر ڏيجو آڏيس."

يعني 'پاري ننگر جي شهر ۾، جنهن گهر ۾ ناريل جو وڻ بيٺل ڏسين، اتي اچج'، چاڪاڻ جو اهوئي سندس گهر هو. ناريل جو وڻ اڪثر سمنڊ جي ڪناري تي ٿيندو آهي، جنهن مان گمان نڪري ٿو ته پاري ننگر ان وقت سمنڊ جي ڪناري تي هو.

مشهور ليکڪ اورين لکي ٿو ته 'عيسوي ٻي صديءَ ۾ سنڌو ندي ۽ نربدا نديءَ جي وچئين ڀاڱي ۾ "پاردو" جو راڄ هو، جنهن جي گاديءَ جو هنڌ مين ڪيو هو' (١). "پاردو"

---

(١) "ناد راجستان"، گجراتي ڀاڱو ٻهريون، صفحو ١٤.

Marfat.com

پٽڙ جو ٻٽ، ٻه سچو ڪارو ٿي ويو آهي، سو اڃا تائين پاري نئگر جي ويجهو هڪ ڦٽل جاءِ جي پاهران ڪتل آهي.

ڪي لکن ٿا ته عيسوي ڇهين صديءَ ڌاري جڏهين سنڌ ۾ راءِ گهراڻي جو راڄ هو، تڏهين ابوپهاڙ ڪان ڪي راجپوت پارڪر ۾ آيا ۽ اتي قبضو ڪري ويٺا (١). پر ڪئپٽن اسٽئنلي نيپئر ريڪس جي کوجنا موجب اهي عيسوي ڏهين صديءَ ڌاري آيا.

## ٢- پرمارن جي حڪومت

انڪل ڏهين صديءَ جي وچ ڌاري، اڄين (مالوا) جي پاسي کان پرمار راجپوتن اچي پارڪر تي قبضو ڪيو. ترجي سوڍن وٽ جي دستخط احوال آهن، تن مان پتو پوي ٿو ته وڪرمي سنبت ١٠٥٤ = ٩٩٦ع ڌاري الور، عمرڪوٽ ۽ پارڪر مارواڙ جي راڻي ڌرٽي براهه جي هٿ ۾ هئا. نوڪوٽي مارواڙ جي ورهاڱي وقت چيل ڏوهن جي هڪ سٽ مان معلوم ٿئي ٿو ته پارڪر تي ”هاسو“ نالي راجپوت جو راڄ هو ۽ هن جو وڏو پاءُ ”پوڏو“ هو، جنهن پوڏيسر جو شهر ٻڌايو. هاسي کي اولاد ڪونه هو. سندس مرڻ بعد، سندس پٽ گوبند راءِ گاديءَ تي ويٺو. ان جي مرڻ بعد سندس پٽ چندڻ سنگ گاديءَ تي ويٺو، جنهن ڪارونجهر نڪريءَ تي ”چندڻ گڊ“ اڏايو، جو ١٨٥٩ع ۾ انگريزن ناس ڪيو.

ڪئپٽن ايس- اين- ريڪس لکي ٿو ته هتي جا حڪمران هاسو ۽ پوڏو هئا، جي آبو ڇڏي هتي آيا. ان وقت پاري نئگر جي آدم شماري ٥٢٠٠ گهر، واڻين جا، ٩٠٠

---

(١) هيوز صاحب جو ”سنڌ گزيٽيئر“، بحواله ”سنڌ جي هندن جي تاريخ“، صفحو ١٤١.

## ٩- ريکوديو جو بت

ويراواھ جي ھاٽوکي مندر ۾، جين ڌرم وارن جي مکيہ ديوتا ريکوديو جو بت رکيل آھي، جو سنگمرمر مان اڪريل نھايت نفيس پتلو آھي. ڏسڻ سان ائين معلوم ٿئي ٿو تہ ڄڻ ڪو ساڌو، ڀڳوان جي ياد ۾ تپشيا ڪري رھيو آھي. ھن جي اکين جي جاءِ تي عجيب چمڪندڙ شيشو وڌل آھي، جو اونداھ ۾ تجلو ڪري ٿو. اھو بہ پاري ننگر جي سون بتن مان، جن مان ٿورا بچيا آھن، تن مان ھڪ آھي. ان جي چوڌاري ڪيترين پٿر جون مورتون رکيل آھن.

## ١٠- پوڙيسر

ھيءُ شھر پوڙي پرمار ٺھرايو، ۽ اتي ھڪ تلاءُ کوٽايو. ڪو وقت ھن شھر جو ڏاڍو اوج ھو. ان وقت واڻين جا ٻہ ھزار گھر اتي ھئا، جي اصل پاري ننگر جي ڦٽڻ بعد لڏي اچي اتي ويٺا ھئا. انھن جا مکي، ڪجل شاھ ۽ وجل شاھ ھئا. واڻيو پوڙيسر ۾ رھندو ھو. ڏياريءَ جي ڏينھن دستور موجب راڻي جي سلام تي ويا، جتي ھنن کي عزت ڪانہ ملي، تنھن ڪري ھنن پاڻ ۾ گڏجي صلاح ڪئي، تہ ٻيءَ ڏياريءَ کان اڳ پوڙيسر ڇڏينداسون. انھيءَ وچ ۾ ڳجھہ ڳوھ ۾ تياريون پئي ڪيائون. نيٺ ٻي ڏياري آئي، ڏيا ٻاريا ويا، ۽ ھي راتو رات، ڪيل بندوبست موجب، ٻرندڙ ڏيا ڇڏي، سنہ ١٣٨٨ع ۾ لڏي ويا. اھي ڌار ڌار ملڪن سنڌ، ڪڇ، ھالار ۽ مارواڙ ڏي پکڙجي ويا، سنڌ ۾ آيل وري ڪي ڪڇ ڏي ويا. ان وقت سنڌ ۾ سومرن جي حڪومت ھئي (١).

---

(١) ڪئپٽن ريڪس جو "ميمائرس آن دي ٿر اينڊ پارڪر ڊسٽرڪٽس آف سنڌ" صفحو ١٠-١١-١٢، ٨٥-٨٦.

Marfat.com

## ١١- سلطان محمود بيگڙي جي پارڪر تي ڪاهه

سلطان محمود بيگڙو گجرات جو حاڪم هو. هن جي ڪاهه جا اتهاس مان هيٺيان سبب معلوم ٿين ٿا: بلوچن جا چار هزار ڪٽنب پارڪر ۾ وهندا هئا. ظاهر نموني اهي مارواڙ ۽ پالن پور جي حدن ۾ اٺن جا گلا چاريندا هئا، پر موقعي ملڻ تي گجرات ڏي ويندڙ قافلن کي ڦريندا هئا، ۽ اهو مال اچي ٿر جي پٽن جي ڏرڙن (غارن) ۾ لڪائيندا هئا، ۽ پوءِ گجرن، سولنڪين، واگهيلن ۽ ڪڇ جي جاڙيجن کي ڏاڙي جو مال نيڪال ڪندا هئا، ۽ وقت جي حاڪمن سان موقعو پائي جنگيون به ڪندا هئا. سندن برخلاف دهليءَ جي تغلق بادشاهن کي دانهون پهتيون هيون، پر انهن کي ايتري فرصت ڪانه هئي جو کين سيکت ڏين.

سلطان محمود بيگڙي جي وقت ۾ اهي بلوچ، سابرمتي ۽ نربدا جي دولتمند شهرن کي لٽڻ لڳا. سلطان جي ڪوتوال جمال الدين کي هنن ڏاڍو تنگ ڪيو، جنهن ڪري سلطان پاڻ چڙهائي ڪئي. بلوچ ٢٤ هزار لشڪر سان سامهون ٿيا. جنگ لڳي، جنهن ۾ بلوچن هارايو. سلطان سندن سردارن کي گرفتار ڪري احمدآباد وٺي ويو. سال مس گذريو ته وري قافلا لٽجڻ لڳا، جنهن ڪري سلطان ٻيو دفعو سنه ١٥٠٤ع ۾ پارڪر تي ڪاهي آيو، ۽ بلوچن کي ڳولي ڳولي هٿ ڪري گرفتار ڪيائين. هن دفعي غارن مان ڪيس گهڻو سامان هٿ لڳو، ۽ بلوچن جي سردارن کي جهوناڳڙهه وٺي ويو.

## ١٢- ڀوڏيسر جي مسجد

سلطان محمود بيگڙي جي ڏينهن ۾، مسلمانن جو هڪ قافلو حج تي روانو ٿيو، جنهن ۾ سلطان جي والده شريف به

ڳالهه صحيح نه آهي، ۽ اڄاڻائيءَ وچان سلطان 'محمود' جي نالي ڪري غزنويءَ جو يادگار سمجهن ٿا: اها مسجد سلطان محمود غزنوي نه پر سلطان محمود بيگڙي گجرات جي بادشاهه جو يادگار آهي.

## ١٣- سيدي علي ريس جو پارڪر جو سفر ١٥٥٦ع

سيدي علي ريس کي، ترڪيءَ جي سلطان، پورچوگيزن سان وڙهڻ لاءِ موڪليو هو. هن کي عربي سمنڊ ۾ طوفان اچي وڪوڙيو ۽ سخت نقصان پهتس، فقط ٿورن جهازن سان گجرات پهتو، جتي جهاز گجرات جي حاڪم جي حوالي ڇڏي، پاڻ خشڪيءَ جي رستي سنڌ، پنجاب، افغانستان، ٽرانس ڪاڪيزيا، خراسان، آذربائجان، ايران ۽ بغداد مان ٿيندو، ١٥٥٦ع ۾، قسطنطنيه پهتو. هن کي رستي ۾ چار سال لڳا. اهو بيان هن پنهنجي ڪتاب "مرات الممالڪ" ۾ ڪيو آهي. هتي اسان کي فقط سنڌ، خاص ڪري پارڪر جو ذڪر ڪرڻو آهي، جو هن پنهنجي ڪتاب جي ستين حصي ۾ هن ريت لکيو آهي. هن ڪتاب جو انگريزي ترجمو اي. ويمبري صاحب ڪيو آهي. هو لکي ٿو ته:

"اسان جي پارٽي، ڏهن ڏينهن جي سفر بعد راجپوتن جي شهر ننگر پارڪر ۾ پهتي، جتي راجپوتن اسان سان وڙهڻ شروع ڪيو، پر اسان جي حملي سندن هوش ٺڪاڻي آڻي ڇڏيو. هنن کي، اسان کان ڏوڪڙن ڇڏائڻ جي نيت هئي. عليءَ کين چيو ته 'اسين واپاري نه آهيون، اسان وٽ ڪجهه به نه آهي، سواءِ دوائن ۽ Moure جي، جنهن لاءِ اسان اڳيئي ڪسٽم ڏنو آهي' (مورو هڪ علامت وارو پتر آهي، جو نانگ جي سٽي ۾ ٿيندو آهي). نيٺ ٿوري رقم ڏني ويئي ۽ اسان کي اجازت ملي. ڏهه ڏينهن واريءَ جي پٽن ۾ پنڌ ڪرڻ بعد سنڌ جي

جام هو. پوءِ مسافري ڪندي اڳتي وڌياسين، ۽ ڇهن ڏينهن ۾ ۵۷ ڪوهه پنڌ ڪري منزل تي پهتاسون" (۱).

## ۱۵- ڪڇ جو ويراواهه ۾ ڌاڙو

ڪڇ جو راجا ڏيسرجي پهريون، سنبت ۱۷۷۵-۱۸۰۸=۱۷۱۸ع-۱۷۵۱ع تائين هو. هن راجا حڪومت کي مضبوط بنائڻ لاءِ ڀڄ، موندرا، انجار ۽ وابر ۾ قلعا ٺهرايا. وحمڪي بازار ۽ اوڪا ۾ ننڍيا ڳڍ ٺهرايا. جن کي ڪيچي ڳڍ چوندا هئا- ۽ ويراواهه ۾ ڌاڙو وڌو. مهاراجا لکپت جيءَ، جڏهين ۱۷۵۲ع کان ۱۷٦۱ع تائين ڪڇ جي گاديءَ تي هو، تڏهين يوراج ڪمار جي رُسجي وڃڻ ڪري، ملڪ ۾ افراتفري پيدا ٿي. اهو وجهه وٺي پاوڪر جي سوڍن، ويراواهه وارو ڌاڙو سنبت ۱۸۱٦=۱۷۵۹ع ۾ ڪڍائي ڇڏيو (۲).

## ۱٦- مڪواڻا

ڪي لکن ٿا ته سڪندر اعظم ۳۲۵ ق-م، برسات جي موسم جي پڇاڙيءَ ۾، سنڌ جي فتح ڪيل ڀاڱن تي پنهنجا ڪي ماڻهو مقرر ڪري، پاڻ واپس روانو ٿيو. هن جي وڃڻ بعد مڪاني ماڻهن، انهن کي لوڏي پنهنجي حڪومت وري هٿ ڪئي (۳).

انهن سڪندر جي فوج جي بچيل سپاهين، نه ۽ وڃي پنهنجا ٿاڻا ڪيا، حتي گهڻي وقت گذرڻ بعد مڪواڻن جي

(۱) "سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي جرنل"، لکيل بي- ڊي- ميرچندائي، آءِ- سي- ايس؛ ۲۲۲-۲۲۳.

(۲) "نئريٽو آف وزٽ ٽو دي ڪورٽ آف سنڌ، اينڊ اي اسڪيچ آف دي هسٽري آف ڪڇ"، از: جيمس برنس. صفحو ۱۴۹-۱۵۰.

(۳) "شارٽ هسٽري آف دي پراونس آف دي سنڌ"، صفحو ۳.

Marfat.com

۾ هن کي ”ڪيرنٽي گڍ“ ۽ ڪٿي ڪٿي ”ڪرڙلي ننگر“ لکيو ويو آهي.

هتي اڳي مکواڻن جي حڪومت هئي، جن مان ڪيسر مکواڻو مشهور ٿي گذريو آهي، جو عمرڪوٽ مان سومرين کٽي آيو، هو جنهن ڪري همير سومري سان لڙايون ڪرڻيون پيئون؛ اهو احوال باب چوٿين ۾ ڏنو ويو آهي- سومرن جي هن سان اٽڪٽ هلي آئي. همير نيٺ لڙائي ڪري ڪيس ماريو؛ سندس پٽ هرپالديو، پنهنجي ماسات گجرات جي راجا ڪرڻ سولنڪي (ڀيم ديو جي پٽ) وٽ وڃي پناهه ورتي، جنهن هن کي جهالاواڙ پرانت انعام ڏنو. سندس اولاد اڄ جهالا راجپوت سڏجي ٿو (١).

## ١٨- راڻڪ ديوي

يارهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ڌاري، ڪيرٽي (٢) ۾ راڻو روڙپارسنگ (٣) حڪومت ڪندو هو، جنهن جي هٿ هيٺ ٿر جو ڏکڻ وارو پاسو هو. سيکي ميکي ڪيس هڪ ڇوڪري ڄائي، جا تمام حسين هئي. جوتشين سندس بخت ڏسي ٻڌايو ته ”جنهن گهر ۾ هيءَ رهندي، يا جنهن سان شادي ڪندي، تنهن جو بخت تباهه ٿيندو!“ راڻي اهو ٻڌي سوچ ويچار بعد ڪيس جهنگ ۾ ڦٽو ڪرايو، جتان هڙونت ڪنڀار کڻي وڃي ڪڇ ۾ پنهنجي گهر پالي وڏو ڪيو ۽ ”راڻڪ ديوي“ نالو رکيو. ڇوڪري جڏهين جوڀن اوستا کي

---

(١) ”ڪڇ جو اتهاس“، گجراتي؛ صفحو ٦١-٦٢.
(٢) گجراتي ڪتاب ”راڻڪ ديوي اني راءِ کنگهار“ ۾؛ ڪرڙلي ننگر، لکيل آهي.
(٣) ”روح رهاڻ“، صفحو ١١٩، ۽ گجراتي ڪتاب ”راڻڪ ديوي اني راءِ کنگهار“ ڇاپيل احمدآباد، صفحي چوٿين ۾، ”ڀاڙسنگ“ لکيل آهي.

ٿو، ۽ عام مڪاني ماڻهو اڄ ڏينهن انهيءَ ناليءَ سان سڏيندا آهن. انهيءَ ڍر ۾ هڪ تلاءُ آهي، جو چون ٿا ته واءِ لاڪي کٽايو هو، جنهن کي اڄ "مهر جو تلاءُ" چوندا آهن.

مڪاني ماڻهو، مهر واڻي ۽ واءِ لاکي جي آکاڻي اور نموني ۾ ڪندا آهن، جا مون به ٻڌي آهي، مگر اها اهڙي آهي، جنهن تي اعتبار ڪري نٿو سگهجي. جنهنڪري اهڙي ڏند ڪٿا هتي بيان ڪرڻ واجب نه سمجهي ويئي آهي.

---

Marfat.com

# باب نائون

## ڪلهوڙن جي حڪومت

### ۱- ميان نور محمد ڪلهوڙو (۱۷۳۶-۱۷۵۵ع)

سنڌ ۾ سومرن کان پوءِ سمن، ترخانن، ارغونن ۽ دهليءَ جي نوابن حڪومت ڪئي، ته به ٿر ۾ سوڍا خودمختار حاڪم هئا. جڏهن ڪلهوڙن جي حڪومت ٿي، تڏهين ٻهرياڻين سوڍا خودمختار هئا. نادر شاهه جي ڪاهه کان پوءِ ميان نورمحمد عمرڪوٽ جي سوڍن کي نالي ماتر پنهنجي تابع ڪيو، ۽ اتي سنه ۱۷۴۲ع ۾ قلعو جوڙايو. پر نادر شاهه جي موٽي وڃڻ بعد، سوڍا وري ميان جي تابعداري نه مڃڻ لڳا، جنهنڪري، ميان وري ۱۷۵۰ع ۾ ڪاهه ڪري، عمرڪوٽ جو قلعو ۽ پيو به ڪيترو ٿر جو ڀاڱو پنهنجي قبضي ڪيو.

**سوڍن جو ٿر ۾ پکڙجڻ:** ميان نورمحمد جي ڪاهه بعد، سوڍن ۾ ڀاڄ پيئي، ۽ هو ٿري پکڙي، ٿر جي پٽن ۽ ڏهرن ۾ گهوڙا ڇڏي وڃي رهيا. انهيءَ ڀاڄ کان پوءِ به، ٿري ماڻهو عمرڪوٽ جي راڻي کي پنهنجو حاڪم ڪري ليکيندا هئا. ڪلهوڙن پوءِ ڍلن اگاڙڻ تي زور رکيو، ۽ ويڙاواهه تائين وياءِ پر وريو ڪي ڪين. ملڪ ۾ شانتي آئي نه سگهيا، تڏهين لاچار ٿي راڻن تي ڪجهه ڍل ڇڏي، ٿر جي حڪومت وري به عمرڪوٽ وارن راڻن جي حوالي ڪيائون. هاڻي ٿر

Marfat.com

۾ سوڍا پکڙجي ويا هئا، ڪيترا نوان ڳوٺ پڌائون: هاٿوڪن شهرن چيلهار، ڇڇي، ڏيپلي، اسلامڪوٽ وغيره جو بنياد انهيءَ وقت کان شروع ٿيو. ان بعد ڪيترين قومون، مارواڙ کان لڏي، اچي ٿر ۾ سوڍن جي اجهي هيٺ رهيون، جن جو اولاد اڄ تائين ٿر ۾ رهي ٿو.

ٿر ۾ سوڍن جون ڪيتريون ذاتيون آهن. سوڍا پنهنجيون ذاتيون، پنهنجي وڏي ڏاڏي جي نالي پٺيان چوائيندا آهن- جن سان‌ڪن جو تفصيل هيٺين موجب آهي:




(١) سرتاڻ سوڍا: عمرڪوٽ، ويسوني، پوچراجيو، کنڀار، امرهار، ڪانو، جاگوڙو، نوهرازيو، ۽ ٻين ڪن ڳوٺن ۾ رهن ٿا.

Marfat.com

ونسي نه آهن، پر اکن ونسي آهن، ۽ نه اهو پٿر سورج جو پورو چٽر آهي. اهڙيءَ طرح هندي اکرن جو به قلعي سان لاڳاپو ڪونه آهي. ممڪن آهي ته اهو پٿر، ڪٿان هٿ آيل، قلعي جي برج ۾ ڪتب آندو ويو آهي، جاڪاڻ ته جيڪڏهين قلعي سان لاڳاپو هجيس ها، ته ضرور سڀ اکر هڪ جاءِ تي سڌا ۽ ليڪ جي صورت ۾ هجن ها — مگر اهي اکر ابتا ۽ هيٺ مٿي ۽ ڌار ڌار جاين تي لکيل آهن؛ ۽ اکرن جي جاچڻ سان، سنبت ۱۵۶۵=۱۵۰۸ع سال معلوم ٿو ٿئي.

مٿين احوالن مان معلوم ٿئي ٿو ته اهو پٿر، اصلوڪي قلعي (اڪبر بادشاهه جي جنم واري هنڌ) جو آهي. ميان نورمحمد، اهو قلعو ڊهرائڻ بعد، انهيءَ قلعي جو سامان پنهنجي نئين قلعي جي اڏاوت ۾ ڪم آندو هوندو، جنهن ڪري اهو پٿر به اصلوڪي قلعي جو هن نئين قلعي ۾ هڻيو ويو.

**ميان جو موت:** نادرشاهه جي ۱۷۴۸ع ۾ قتل ٿيڻ بعد، ميان جا پٽ موٽي آيا، جنهن ڪري هن ساليانی ڍل ڏيڻ کان نٽايو، ۽ پئسا ڪونه موڪليائين. ان ڪري، احمد شاهه ابدالي سنه ۱۷۵۵ع ۾ سنڌ تي ڪاهي آيو، ميان ڀڄي ويو — ۽ ساڳئي سال ۾ جيسلمير جي پرسان وفات ڪيائين. سندس لاش آڻي موري تعلقي جي محمدآباد ڳوٺ ۾ دفن ڪيو ويو.

## ۲- محمد مراد ياب (۱۷۵۵-۱۷۵۷ع)

ميان جي مرڻ بعد، سندس وڏو پٽ محمد مراد ياب، سنه ۱۷۵۵ع ۾ گاديءَ تي ويٺو. هن سوڍن سان ڪوئنس ڪونه ڪئي، ۽ هو پنهنجي مرضيءَ موجب ٻئي هليا. هي عياش هو، جنهن ڪري خزانو ٿورن سالن ۾ ڪٺائي ڇڏيائين. ان ڪري اميرن، کيس گاديءَ تان لاهي، ميان جي ٻئي پٽ غلام شاهه

Marfat.com

وغيره، ۽ منجهن مير سهراب خان، مير باگو خان، مير الهيار خان مير تارو خان، نواب ولي محمد خان لغاري، قيصر خان نظاماڻي، زنگي خان مري، خيرو خان جمالي، اسماعيل خان کٽياڻ، پيرڙو خان ڪوڪر، نقيرو، طاهر ۽ عرضي نامور سرڪردا هئا.

هالاڻي جي ميدان تي سنه ١٧٨٢ع ۾ خونخوار جنگ لڳي. محمد حسن ڪهاوڙ ۽ ٻيا ناليرا جنگي جوان مارجي ويا، لشڪر ڪيترو منو ۽ ٻيو ڇڙوڇڙ ٿي ويو. ڪلهوڙن جي هار ٿي، ۽ سبا: جوڌپور ڏي ڀڄي ويو. ميرن اها لڙائي کٽي ۽ سنڌ جا حاڪم ٿيا. مير فتح علي خان اتان ٿي نوشهري فيروز ۾ آيو، جتي سرڪردن ۽ سپاهين کي انعام ڏنائين. جيڪي قومون ڪلهوڙن سان شامل ٿي ميرن سان وڙهيون هيون، تن جا اڳوان به اچي مير صاحب جي پيش پيا، جن کي به مير صاحب عزت ۽ مان ڏيئي موڪلانو ڪيو. ۽ سڄي سنڌ جي حڪومت پنهنجي هٿ آندي.

---

Marfat.com

# باب ڏهون

## ٽالپرن جي حڪومت

### مير فتح علي خان (١٧٨٣—١٨٠٢ع)

ڪلهوڙن کان سنڌ فتح ڪري، مير فتح علي خان، سنه ١٧٨٢ع ۾ سنڌ جي گاديءَ تي ويٺو هو. حڪومت ۾ پنهنجا ٽي ڀائر، مير ڪرم علي خان، مير غلام علي خان ۽ مير مراد علي خان بہ شامل ڪيا: جنهن ڪري "چهرين چوياري" چون ٿا. ان وقت عمرڪوٽ تي جوڌپور جي مهاراجا جو قبضو هو.

سنه ١٧٨٦ع ۾، مير سهراب خان جو پٽ مير غلام محمد خان ٣٠٠ ماڻهن سان ٿر ڏي شڪار لاءِ روانو ٿيو. راٺوڙن اڳرائي ڪري ٻن هزار ماڻهن سان مٿس حملو ڪيو. انهيءَ لڙائيءَ ۾ مير صاحب ۽ سندس گهڻا ماڻهو مارجي ويا. انهيءَ تي مير سهراب خان پاڻ، ۽ مير فتح علي خان جي مدد سان، عمرڪوٽ تي ڪاهي آيو ۽ سندس لشڪر عمرڪوٽ شهر ۽ ٻر ڳڻي ۾ ڦرلٽ ڪئي. ڪجهه عرصي بعد، جوڌپور جي مهاراجا ۽ سنڌ جي ٽالپرن (مير فتح علي خان) جي وچ ۾ هيٺيون عهدنامو ٿيو.

١— ميرن جي ڪنهن بہ دشمن کي جوڌپور جو مهاراجا پناهہ نہ ڏيندو، ۽ مهاراجا جي دشمن کي مير پناهہ نہ ڏيندا.

٢— جڏهين جڏهين ميرن کي مهاراجا جي لشڪر جي

Marfat.com

مير ڪرم علي خان کي درخواست ڪيائين، جا هن قبول ڪئي. راجپوتن جي ڪمزوريءَ جو به پتو هوس. تنهنڪري مير ڪرم علي خان وڏو لشڪر نواب ولي محمد خان ۽ طاهر خدمتگار جي هٿ هيٺ، عمرڪوٽ تي چاڙهي موڪليو. هوڏانهن مير سهراب خان به پنهنجو لشڪر سيد گولي شاه جي سرڪردگيءَ هيٺ چاڙهي موڪليو. جوڌپور جي راجا، مير خان روهيلي کي روهيلن ۽ راجپوتن جو لشڪر ڏيئي عمرڪوٽ ڏي ڏي موڪليو، پر مير ڪرم علي خان هڪ لنبو پارسي نظم ۾ خط لکي ميرخان ڏي موڪليو - جنهن ۾ شرمايائينس ته، 'تون مسلمان ٿي ڪري، راجا جي طرفان، اسان مسلمانن سان ڪيئن ٿو جنگ ڪرين.'

انهيءَ خط ميرخان تي ايترو اثر ڪيو، جو عمرڪوٽ تي ڪاهڻ کان راجا کي جواب ڏنائين، ۽ مسلمانن سان وڙهڻ بدران، سپه سالاريءَ تان دستبردار ٿيڻ لاءِ تيار ٿيو. تنهنڪري راجا ٻين راجپوت سپه سالارن جي هٿ هيٺ لشڪر موڪليو، جي اڳ ۾ ئي اچي عمرڪوٽ جي قلعي ۾ ويهي رهيا. ميرن جي لشڪر اچي قلعي کي گهيرو ڪيو. نواب ۽ طاهر، قلعي کي سرنگهه هڻائي ان ۾ باروت سازايو، جنهنڪري قلعي جي پٽ ڪري پيئي. پوءِ ته ميرن جو لشڪر اندر ڪاهي پيو. راجپوتن جي لشڪر مان ڪيترا ماريا، ڪي گرفتار ٿيا ۽ ڪي ڀڄي ويا. عمرڪوٽ جو قلعو ميرن فتح ڪيو، جو پوءِ سنڌ هٿ ۾ رهندو آيو (١). اهو واقعو سنه ١٨١٣ع ۾ ٿيو.

سنه ١٨١٤ع ۾ مير ڪرم علي خان نئين ڪوٽ ۾ قلعو ٺهرايو، جو سالم حالت ۾ اڃا تائين بيٺو آهي. مير ڪرم علي خان سيني قلعن ۾ مضبوط انتظام ڪري، ڏيپلي، سامروٽي ۽ پارڪر

(١) "سنڌ جو شاهنامو"، صفحو ٩٠.

Marfat.com

نٿي ڏني ۽ جنهنڪري مير فتح علي خان، سوڍن تي عمل ڄمائڻ لاءِ، قلعا ٺهرائڻ شروع ڪيا: پهريائين مٺيءَ وارو قلعو ١٧٨٥ع ۾ ٺهيو، جو هاڻي ڊهي ويو آهي، ۽ انهيءَ هنڌ هاڻي مسافرخانو ۽ اسپتال جي جاءِ آهي. ٻيوءِ شهر جي الهندي طرف، پٽ جي چوٽيءَ تي هڪ ننڍو قلعو سنه ١٧٨٩ع (١) ۾ مورچي طور ٺاهيو ويو، جو سنه ١٨٤٤ع ۾ ڌرتي ڌٻڻ سبب ڊهي ويو- منجهس گوبريو نالي هڪ مالهي، جو ميرن جو پاڻي ڀريندو هو، ۽ ٻيا ڪيترا ماڻهو پڻ دٻجي مري ويا. انهن قلعن ٺهڻ بعد ميرن شهر جو نالو "فتح ڳڙهه" رکيو، مگر پوءِ ساڳيو "مٺي" سڏجڻ ۾ آيو.

١٧٩٥ع ۾ اسلام ڳڙهه جو قلعو ٺهيو، جنهن تان ڳوٺ تي به نالو پيو، ۽ هاڻي اسلامڪوٽ سڏجي ٿو. انهيءَ قلعي جون پٽيون ٣٠ فوٽ اوچيون، ۽ ٧٠ چورس وال ڦيڪڙ هئي. چئني ڪنڊن تي برج، ۽ اڀرندي پاسي دروازو هو، جنهن تي برج ٺهيل هو (٢). اهو قلعو هاڻي ڊهي ويو آهي. هن وقت انهيءَ ڊٺل قلعي تي اسڪول ٺهيل آهي. سال ١٨٠٠ع ۾ ڇيلهار، سينگاري ۽ ڪڏي جا قلعا ٺهيا، جي هاڻي سڀ ڊهي ويا آهن. ڇيلهار کي اڳي "علي ڳڙهه" چوندا هئا، ۽ هتي نائب ڪاردار رهندو هو. ڇيلهار ۽ ڪڏي جي قلعن اندر پاڻي پيئڻ لاءِ کوهه هئا، جي اڄ تائين سلامت آهن. انهن سڀني قلعن جي بناوت ساڳئي نموني جي هئي: سڀني پڪين سرن جا ۽ ٻاهريون پاسو چن ۽ گاري سان لتل هون: هر هڪ قلعي جي اڏاوت تي انڪل اڌ لک کن رپيا خرچ ٿيل ڄيو وڃي ٿو.

---

(١) ڪئپٽن ريڪس، "حالات ٿر ۽ پارڪر"، صفحي ١١٢ ۾ سال "١٧٩١ع" لکي ٿو.

(٢) "گزيٽيئر آف دي ڪنٽريز، انجيسنٽ ٽو انڊيا آن نارٿ ويسٽ انڪلوڊين سنڌ"، مسٽر ايڊورڊ ٿارنٽن، ١٨٤٤ع.

Marfat.com

ميجر آئوٽرام پاڻ بچائي پڇي سر چارلس نيپئر سان گڏيو، جو حيدرآباد اچي رهيو هو. هن کي ته اهو بهانو کپندو هو. جنرل نيپئر حيدرآباد ڏي ڪاهي آيو. ميرن جو لشڪر مياڻيءَ وٽ ۱۷- فيبروري ۱۸۴۳ع جي انگريزن جي لشڪر جي سامهون ٿيو. جنگ لڳي، جنهن ۾ ميرن هار کاڌي. ۸- فيبروري ۱۸۴۳ع جي مير، جنرل وٽ وڃي پيش پيا. ۲۱- فيبروري ۱۸۴۳ع جي جنرل نيپئر حيدرآباد جي قلعي تي 'يونين جئڪ' جهنڊو چاڙهيو. مير نصير خان، مير شهداد خان مير حسن علي خان، مير صوبدار خان ۽ مير محمد خان کي گرفتار ڪيو ويو.

هن لڙائيءَ جو ٻڌي، ميرپورخاص وارو مير شير محمد خان، "شير سنڌ" پيش نه پيو، ۽ ۱۲ هزار فوج وٺي لڙائيءَ لاءِ نڪتو. دبي جي ڳوٺ وٽ، مارچ ۱۸۴۳ع جنگ لڳي. مير شير محمد خان هاروائي پنجاب طرف مدد هٿ ڪرڻ لاءِ ويو، ۽ سندس پاءُ مير شاه محمد خان گرفتار ٿيو.

مير شير محمد خان پنجاب مان قندهار ويو، مگر ڪٿان به مدد نه ملڻ ڪري، موٽي اچي پنجاب جي ليفٽيننٽ گورنر وٽ پيش پيو. انگريزن سڀني ميرن کي پهريائين بمبئي، پوني پوءِ ڪلڪتي روانو ڪيو، جتي مير نصير خان، سنڌ جو آخرين تاجدار، هزاري باغ ۾ ۱۲۶۱ هجري مطابق ۱۸۴۵ع جي وفات ڪري ويو. مير صوبدار خان، مير محمد خان، ۽ مير شهداد خان به هڪ ٻئي پٺيان رحلت ڪري ويا، سندن لاش سنڌ ۾ آڻي دفن ڪيا ويا. پين ميرن کي ۱۲ سالن بعد سنڌ ڏي اچڻ جي اجازت ملي، جن مان ڪن کي جاگيرون ۽ پينشنون مليون. مير شير محمد خان به موٽي آيو، جتي کيس پينشن ملندي هئي. سنه ۱۸۶۷ع ۾ عمرڪوٽ ۾ مسٽر مانسفيلڊ ڪمشنر سنڌ، دربار ڪئي— جتي کيس "ستاره هند" جو تمغو ۽ "سر" جو خطاب مليو. هي مير صاحب ۱۲۹۴ھ=

١٨٧٧ع ۾ پنهنجي وطن ميرپوخاص ۾ گذاري ويو.

١٢- مارچ ١٨٤٣ع جي، لارڊ ايلنبرو وائسراءِ هند جي شاهي اعلان سان، سنڌ انگريزي حڪومت سان ملائي ويئي، جنهنڪري ٿر وارو پاڱو به انگريزن جي هٿ آيو.

Marfat.com

# باب يارهون

## انگريزن جي حڪومت

سنه ١٨٤٣ع ۾ انگريزن سنڌ جي حڪومت، ٽالپرن کي مياڻيءَ جي لڙائيءَ ۾ شڪست ڏيئي، هٿ ڪئي. ان وقت ملڪ ۾ وڳوڙ پنجي ويو. خاص ڪري ٿر ۽ پارڪر ۾ سوڍا سولائيءَ سان آڻ مڃڻ وارا ڪين هئا. گورنمنٽ پنهنجي قبضي ڪرڻ لاءِ پنهنجا عملدار مقرر ڪيا. ۽ پڻ سنه ١٨٤٤ع ۾ پارڪر ۽ ڪنڊو يعني پلهياري، ڏيپلو، مٺي، اسلامڪوٽ، سينگارو، ڦيٽاپور، ويراواهه، آڏيگام، مام چيرو، ڀراڻو، چوڙيو ۽ ساڪرويرو وغيره ڳوٺ ڪڇ جي اسسٽنٽ پوليٽيڪل ايجنٽ جي چارج ۾ ڏنائون، باقي ملڪ گڏڙو، چاڇرو، ڇيلهار ۽ ٻيو ٿر جو ڀاڱو، عمرڪوٽ سوڍو، حيدرآباد ضلعي سان لڳائي ڇڏيائون. ان وقت عمرڪوٽ تعلقي ۾ چاڇرو، ڇيلهار، ڏاهلي، کينسر، گڏڙو، جهڏو، ڊينگاڻ، نئون ڪوٽ، جيمس آباد، پريجي، شادي پلي، جهڙپي، غلام نبي شاهه، ڊڙيلو ۽ ڪنڊياري وغيره ڳوٺ پڻ هئا، اها حد ميرپورخاص جي ڊپٽي ڪليڪٽر کي ڏنائون.

پارڪر ۽ ٿر وارو ڀاڱو، جو ڪڇ سان لڳايل هو، سو ١٨٤٣ع کان ١٨٥٤ع (١) تائين، اسسٽنٽ پوليٽيڪل ايجنٽ

(١) "سنڌ گزيٽيئر"، مسٽر انٽکن بحوالہ "هسٽري آف انڊينيشن"، جلد پهريون.

Marfat.com

گھوڙي ـ جا ڏاٽ ۾ ڳنئي ۾ مشهور هئي ـ کي ٻه وڙائي، سيد محمد علي شاهه کي ويجهو اچي پهتو ۽ سيد محمد علي شاهه کي بندوق هڻي خون ڪري جوڌپور طرف ڀڄي وڃڻ جو رخ ڪيائين. جلدئي اها خبر عمرڪوٽ پهتي. ثروت صاحب چوڌاري پوليس رواني ڪئي ۽ ڏيهي رياستن جي حاڪمن کي به خط لکيائين ته هنن پارن سان رتن سنگ نالي هڪ سوڍو خون ڪري ڀڄي ويو آهي، سو جيڪڏهين اوهان جي حد ۾ اچي ته هن کي گرفتار ڪري اسان ڏي موڪلجو.

رتن سنگ راجپوتانا ڏي رخ رکندو ڀڄندو پئي ويو. عمرڪوٽ کان اٽڪل هڪ سو ڪوهن جي مفاصلي تي ٿڪ سبب گھوڙيءَ تان لهي ڪيس وڻ سان ٻڌي پاڻ ڇانوَ ۾ ليٽي پيو. ٿوريءَ مهل کان پوءِ سندس گھوڙيءَ هنڪار ڪئي ۽ دڙا هڻڻ لڳي، راٺو جاڳيو، اٿي هيڏانهن هوڏانهن نهاريائين پر ڪجهه به ڏسڻ ۾ ڪونه آيس. تڏهين گھوڙيءَ جي پٺي ٺپري وري به سمهي پيو. حقيقتاً راٺي کي پڪڙڻ لاءِ پوليس جو انالو پريان پئي آيو، اهو ڏسي گھوڙي هن کي جاڳايو ٿي. بس، ترت ئي پوليس اچي مٿان پيئي، جنهن ڪيس ننڊ ۾ ئي گرفتار ڪري ورتو. راٺي کي گرفتار ڪري ثروت صاحب وٽ وٺي آيا ۽ اهو ڪيس سرڪار جي پيش ڪيو ويو. اتان حڪم اچڻ تي ڪيس عمرڪوٽ جي قلعي ۾ سنبت ۱۹۲۳=۱۸۶۶ع جي ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويو.

چون ٿا ته راٺي کي ڦاسي چاڙهڻ کان ٿورو اڳ سرڪاري تار پهتي، ته اهڙي بهادر کي ڦاسي نه ڏني وڃي. مگر افسوس، جو اها تار ڪوٽ جي ڪن هلنديءَ وارن برهمڻن جي بندوبست سان ايترو وقت روڪي ويئي جيترو، ۾ راٺي کي ڦاسيءَ تي لٽڪايو ويو .

”آيو اڏيسنگ اوچتو ڀورو ڀڄايو،
ڪر ڀوري راڪنپيا موچي ٻچايو.“

راٺن جڏهين ٽروٽ صاحب کي ڳولا ڪرڻ سان به نه لڌو، تڏهين هنن سمجهيو ته مارجي ويو. انهيءَ ڪري هيڪاري جوش وڌيو: ڪچهريءَ تي حملو ڪري ڪن سپاهين کي ماريائون ۽ ڪيترا ڦٽيا. پارڪر جا ڪيترا سوڍا اچي شامل ٿيا ۽ بهادريءَ سان وڙهيا. انهن ۾ مکيه لاڏوسنگ ويرا واهه جو راٺوڙ، ڪرنجي ننگرپارڪر جو راٺوڙ، وامجي، ورڻ، اڏيسنگ، ڪلجي، پونجو، مهاسنگ ۽ روپلو ڪولهي مشهور جوڌا هئا - هن بابت ڍاٽ (ٿر) ۾ اڄ تائين دوها چوندا آهن. جيئن ته:

”چندڻ ڳـــڍ چاوو ٿيو جـــوڌي مچائـــي جنگ،
لڙيا ساٽ سوڍي ڪرنجي ري، آوٽان رجپوتان نان رنگ.“
”رنگ ڪلا رنگ مهاسينگا رنگ پونجل رنگ سگهلي راڻ،
رنگ ڪارونجهر را ڪونگرا رنگ ســـوڍا راڻ.“

ڪرنل ايونس جي فوج ۾ ويجهي هئي، جنهن کي هڪ سوار وڃي ”ڏينسي“ جي جبل وٽ اها خبر پهچائي ته فساد شروع ٿيو آهي. فوج هڪدم اچي ۱۹- جون ۱۸۵۹ع جي گهيرو ڪيو. راٺوڙ، سنڌس وزير ۽ ٻيا، شهر ڇڏي ڀڄي ويا. راڻي وڃي ڪارونجهر ٽڪريءَ ۾ پناهه ورتي، جتي راڻي جو گهرومتر مهاوجي سيٺ - ذات جو لهاڻو، وينڻ ڪاسبو -، هنس ڀوري ٻائو، ۽ وفادار نوڪر روپلو ڪولهي، کاڌي پيتي جو سامان ۽ ٻي هرڪا خبر چار پهچائيندا هئا. ٽروٽ کي انهيءَ ڳالهه جي نيٽ پئجي ويئي، جنهن ڀرپائين روپلي ڪولهيءَ کي جاگير ۽ پينشن جون لالچون ڏنيون، ته راڻي جو ڏس ڏي ۽ پڪڙائي، پر هن قبول نه ڪيو. تڏهين کيس ماروڪٽ ڪري ڏاڍا عذاب ڏنائين - چون ٿا ته هٿ جي ترين ۾ تيل

Marfat.com

۵ آنا روز ۽ عورت کي ٨ آنا روز ملندو هو. ڙالون انهيءَ ڪم تي ٿوريون هيون.

ماسترن کي سندس پگهار کان سواءِ ڀتو ڀاڙو ملندو هو. ناري ۽ ميرپورخاص ڊويزن جا ڪي آبدار، آبپاشي ۽ ريونيو جا منشي به انهيءَ ڪم ۾ لڳايا ويا هئا. سڀني ڪم لاءِ ڀٽيلن ۽ ماسترن کي ڪليڪٽر آفرين‌ناما ڏنا هئا. مزورن کي هفتي مزوري اتيئي ملندي هئي.

سنه ١٩٤٢ع ۽ ١٩٤٤ع ۾ به مڪڙن جي وينڪ ٿي هئي، تڏهين به سٺين نموني لوڪسٽ جو ڪم هليو هو، ۽ ماسترن جي مدد سان ڦڪا ناس ڪرايا ويا هئا.

---

Marfat.com

# باب ٻارهون

## حڪومت پاڪستان (١٩٤٧ع)

## ١٩٤٧ع جي آزادي

سنہ ١٩٣٩ع ۾ ٻي مهاڀاري لڙائي لڳي، سنہ ١٩٤٥ع ۾ پوري ٿي ۽ اتحادين کٽيو. ان وقت دنيا جي سياست ۾ زبردست انقلاب آيو. هندستان ۾ ٻہ سالن کان آزاديءَ جي هلچل هلندڙ هئي، ان جي اثر ڪري ملڪ جو وايو منڊل ڪجهہ سجاڳ هو. هندستاني فوجن ۾ ڪي قدر آزاديءَ لاءِ حب ۽ تڙپ پيدا ٿيءَ بمبئي ۽ ڪن هنڌن ديسي فوجن بغاوت ڪئي. انگريزن جو ويساهہ فوجن مان گهٽجي ويو. ملڪي حالتون اهڙيون اچي بڻيون، جو انگريزن لاءِ وڌيڪ وقت هندستان تي ضابطو رکڻ ڏکيو ٿي پيو. انگلنڊ جي نين چونڊن ۾ چرچل پارٽيءَ هارايو ۽ مزدور پارٽيءَ کٽيو. مزدور اڳواڻ ڪليمنٽ ائٽليءَ وزارت ٺاهي ۽ پاڻ وزير اعظم ٿيو. مزدور، هندستان جي آزاديءَ جي فائدي ۾ هئا.

ڪانگريس ۽ مسلم ليگ، "پاڪستان" جي سوال تي پاڻ ۾ ٺاهہ ڪيو ۽ ٻنهي گڏجي آزاديءَ جي گهر ڪئي، جنهنڪري پارليامينٽ هندستان کي آزادي ڏيڻ جو بل پاس ڪيو ۽ مسٽر ائٽلي ١٩٤٧ع ۾ اعلان ڪيو تہ جون ١٩٤٨ع ۾ هندستان کي آزادي ڏينداسون.

Marfat.com

پڙت، سڙت ۾ ٻني ڏٽ تي ڪي قدر گذر ڪيو. سرڪار سهوليت وارن هنڌن تي اناج جا ڊيپو کولايا، جنهنڪري ماڻهن کي اتان سستي اگهه سان اناج ملندو هو. سرڪار ٿر کي ڏڪار ايراضي ٺهرايو ۽ ڪافي انداز ۾ اناج موجود ڪيو، جنهنڪري ماڻهن کي تڪليف گهٽ ٿي.

Marfat.com

# باب تيرهون

## ٿرپارڪر جا مکيه ڳوٺ ۽ آدمشماري

### (الف) مکيه ڳوٺ

**عمرڪوٽ:** هي شهر ۲۲-۲۵ اتر ڊگهائي ڦاڪ ۽ ۴۷-۶۹ اوڀر ويڪرائي ڦاڪ ۾، ٿرجي پٽن ۽ ميداني علائقي جي ڌنڳ تي آهي. جوڙ ۽ ڍورو نارو ويجهيون اسٽيشنون، هر هڪ ۱۲ ۽ ۱۴ ميل پري آهن. ميرپور خاص سان لارين ۽ موٽر رستي ڳنڍيل آهي، جو ۳۶ ميل پري آهي. هي اڳي راجپوتن جي گاديءَ جو هنڌ هو، ۽ سوڍي ذات (ٿر) جو نيلات ليکبو هو. هتي سنه ۱۵۴۲ع ۾ هاڪارو مغل شهنشاهه اڪبر اعظم ڄائو هو. ۱۷۴۶ع ۾ مياں نور محمد ڪلهوڙي قلعو ٺهرايو، جو اڃا تائين بيٺو آهي. هي اڳي ضلعي جو هيڊ ڪوارٽر هو، سنه ۱۹۰۶ع کان پوءِ ميرپورخاص ۾ هيڊ ڪوارٽر ڪيو ويو. هتي واپار چڱو هلي ٿو. ۱۹۴۷ع جي لڏ پلاڻ بعد ڪيترا هندستان مان مهاجر اچي وسيا آهن. هتي ميونسپالٽي آهي. هن جي چوڌاري باغن ۾ انب، ليما، صوف، توت، ڊاک، ڏاڙهون، ڪيلا ۽ واڙين ۾ هر ڪنهن قسم جي ڀاڄي، پالڪ، سوئا، مُوري، واڱڻ، ڀينڊيون، ٽوريون، ٽماٽا، ڪاريلا وغيره جام ٿين ٿا. سنه ۱۸۷۴ع ۾ ايسٽرن ناري جي ٻوڏن سبب هتان جا گهڻا رهاڪو مٺي، ڇاڇرو، ڏيپلو، پارنو، ڇيلهار، ٻگل، ويراڙو ۽

Marfat.com

ٿا. هتي اڳي چاليهه هزار آدم رهندو هو، جي سڀ جيني ها. هن جا ۳-۴ ميلن ۾ کنڊر آهن، جتي ان زمانـي جا يادگار اڄ تائين لڀن ٿا. سڏونت - ساونگا جي مشهور عشقيه قصي ۾ پاري نگر جو ذڪر اچي ٿو، جنهن مان خبر پوي ٿي ته اڳي هتي ناريل ٿيندا هئا، جا سمنڊ جي نزديڪيءَ جي نشاني آهن.

## (ب) آدمشماري

ٿرپارڪر ضلعي جي اجملي ڪِيڙ ۱۳۶۹۲ چورس ميل آهي، ۽ آدمشماري هيٺين موجب آهي:

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ۱۸۷۲ع | ۾ | ۲۳۰۰۳۸ | ماڻهو | جمڙائو واهه جي کوٽائيءَ ڪري ڪيترا مزوور وغيره، ۽ زمين آباد ٿيڻ ڪري ڪيترا آبادگار ۽ ٻيا ماڻهو، پنجاب ۽ سنڌ جي ٻين ڀاڱن مان لڏي هتي اچي رهيا ۽ جنهنڪري آدمشماري ۾ واڌ ٿي. |
| ۱۸۸۱ع | ۾ | ۲۵۷۵۶۵ | " | |
| ۱۸۹۱ع | ۾ | ۳۵۸۱۸۱ | " | |
| ۱۹۰۱ع | ۾ | ۳۶۳۸۹۴ | " | |
| ۱۹۱۱ع | ۾ | ۴۳۳۳۹۸ | " | ۵۴ سيڪڙو مسلمان ۽ ۴۶ سيڪڙو هندو. |
| ۱۹۳۱ع | ۾ | ۴۶۸۰۴۰ | " | |
| ۱۹۵۱ع | ۾ | ۷۳۴۱۱۱ | " | ۱۹۴۷ع جي لڏ پلاڻ ۾ گهڻا مسلمان هندستان مان لڏي آيا. |

Marfat.com

## آدم شماري سنہ ۱۹۵۱ع (ٿرپارڪر ڊسٽرڪٽ)

| تعلقا | مرد | عورتون | ڪل جوڙ | پڙهيل | مهاجر |
|---|---|---|---|---|---|
| ميونسپل ميرپورخاص | ۲۲۶۹۲ | ۱۸۰۵۸ | ۴۰۷۵۰ | ۱۰۵۱۴ | ۲۷۶۱۴ |
| تعلقو ميرپور خاص | ۳۳۲۴۳ | ۲۷۳۹۲ | ۶۰۶۳۵ | ۴۴۱۲ | ۱۶۲۴۲ |
| " جيمس آباد | ۲۴۷۳۳ | ۲۱۰۷۳ | ۴۵۸۰۶ | ۳۵۳۳ | ۹۲۸۴ |
| " ڏگهڙي | ۳۶۳۸۱ | ۳۰۵۰۲ | ۶۶۸۸۳ | ۵۹۵۹ | ۱۳۵۶۲ |
| ميونسپل عمرڪوٽ | ۲۸۱۷ | ۲۳۲۶ | ۵۱۴۳ | ۱۰۷۶ | ۶۸۰ |
| تعلقو عمرڪوٽ | ۴۴۶۸۶ | ۳۵۶۱۷ | ۸۰۳۰۳ | ۷۳۵۵ | ۱۱۴۹۵ |
| " سانگهڙ | ۲۷۸۷۷ | ۲۱۴۹۵ | ۴۹۳۷۲ | ۳۲۶۱ | ۵۴۱۱ |
| " کپرو | ۴۲۹۵۸ | ۳۳۶۹۲ | ۷۶۶۵۰ | ۴۷۶۲ | ۶۸۱۰ |
| " سامارو | ۳۲۳۲۴ | ۲۶۳۳۳ | ۵۸۶۵۷ | ۳۴۱۲ | ۶۲۳۷ |
| " ڇاڇرو | ۴۷۶۲۹ | ۳۹۹۸۱ | ۸۷۶۰۹ | ۴۱۵۰ | ۳۴۰ |
| " مٺي | ۳۴۲۱۷ | ۲۹۸۱۳ | ۶۴۰۳۰ | ۴۲۲۷ | ۳۸۸ |
| " ڏيپلو | ۱۹۹۷۹ | ۱۶۹۷۰ | ۳۶۹۴۷ | ۲۶۱۳ | ۷۵۳ |
| " ننگرپارڪر | ۳۲۹۱۷ | ۲۸۴۰۹ | ۶۱۳۲۶ | ۲۰۳۳ | ۲۱۵ |

۱۹۴۷ع جي ڦڏن ۾ ڪيترا مسلم هندستان مان هجرت ڪري آيا آهن.

نوٽ: ۱۹۵۱ واري آدم شماريءَ بعد سانگهڙ ۽ کپرو تعلقا، سانگهڙ ضلعي سان ملايا ويا آهن.

Marfat.com

# باب چوڏهون

## ٿر ۾ رهندڙ قومون

ٿر ۾ اڳي جين ڌرم وارا آباد هئا، ٻوءِ پرمار ۽ سومرا هندو راجپوت آيا، جن جو ٿر تي راڄ به هو. ان بعد سوڍا راڌنپور کان آيا. وچئين سمي ۾ کوسا، چانڊيا ۽ بلوچ به اچي رهيا. ڪي اڇوت قومون، ڀيل ۽ ڪولهي، آڳاٽي وقت کان رهندڙ هيون، ان بعد مارواڙ کان ماڻهو اچڻ لڳا. موجوده بستيءَ وارا برهمڻ، مهيشوري، مينگهواڙ ۽ ٻيون ڪاسبي قومون وغيره سڀ مارواڙ کان آيل آهن. لهاڻا ۽ ڪي مسلمان قبيلا سنڌ کان آيل آهن. ريتين رواجن، اوڍ-ويس ۽ ٻوليءَ مان ٿي سنڌن اچڻ پڌرو آهي. پاڪستان ٿيڻ بعد لڏپلاڻ جو اثر ٿر تي بلڪل ٿورو ٿيو آهي. ڪي برهمڻ ۽ مهيشورين جا گهر لڏي ويا آهن. ٿر جي شهرن ۾ برهمڻ، مهيشوري، مسلمان، ڪاسبي ۽ مينگهواڙ گهڻا رهن ٿا، جو نه هڪڙا پئسي وارا، جن جو ڌنڌو، واپار ۽ ڏيتي ليتيءَ تي آهي، جهڙوڪ مهيشوري. ٻيا ڪاسبي- جهڙوڪ مسلمان حجام، ڌوٻي، هندو کٽي وغيره ۽ مينگهواڙ- اهي شهرن ۾ جهجها آهن. راجپوت ۽ مسلمان، جيڪي مالدار آهن ۽ جن جو گذران کيتيءَ تي آهي، سي ٻهراڙين ۾ رهن ٿا. ڀيل ۽ مينگهواڙ به سڄي ٿر ۾ پکڙيل آهن. ڪولهي گهڻا پارڪر ۾ رهن ٿا.

Marfat.com

چانڊيا: اهي بلوچ آهن. اهي هوت خان بن جلال خان بن هرين جو اولاد آهن. هوت کي ٻه پٽ حاجي ۽ حسين هئا. انهن جون شاخون هي آهن- حاجي جو اولاد: غيباڻي، گهراماڻي، مرزاڻي، سمالاڻي ۽ چولياڻي. حسين جو اولاد: مناڻي، مصرياڻي، ٻهراڻي، تنبراڻي، منداڻي ۽ سندراڻي وغيره. انهن جو سردار نواب غيبي خان چانڊيو آهي، جنهن کي لاڙڪاڻي ضلعي ۾ غيبي ديري ۾ وڏي جاگير آهي. هي ڪنڌي ۽ مهراڻي ۾ گهڻا رهن ٿا، ننگرپارڪر تعلقي ۾ به رهن ٿا.

بروهي: هي اصل بلوچستان جا آهن. هي جنڊيءَ تي ڪڻون ۽ پيو ڪاٽ جو سامان ٺاهيندا آهن. ٻولي پنهنجي ڳالهائيندا آهن، جنهن کي بروهڪي چئبو آهي.

پتافي: هي ڪورائي بلوچن جي شاخ آهي. ٿر ۾ ٿورا آهن.

جمالي: هي رندن جي شاخ آهي. هن جون شاخون، شيرخاناڻي، رمداڻي، لهراڻي ۽ چلڪري آهن. رمداڻي، مهراڻي ڀاڱي رهن ٿا.

گرگيز ۽ لنڊ: هي ڊومڪي بلوچن جي شاخ آهن، ننگرپارڪر تعلقي ۾ رهن ٿا.

ڪورائي: بلوچن جي شاخ آهي، مهراڻي ڀاڱي رهندا آهن.

لاشاري: هنن جون ست شاخون آهن، چوڪي، گوراڻي، دلاورزائي، پوڻاڻي، هادياڻي، ڪلواڻي ۽ گلن زائي.

مري: هي بلوچن جي شاخ آهي، جي رندن مان آهن. انهن جون شاخون آهن: لوهاراڻي، ڪنگراڻي، اباڻي، ٻجاراڻي ۽ مهنداڻي وغيره.

Marfat.com

مڪسي: هي بلوچن جي شاخ آهي.

جتوئي: مائي جتو جو اولاد آهن.

خواجا: اصل هندو لهاڻا هئا. پندرهين صديءَ ۾ مسلمان ٿيا. اسماعيلي شيعه فرقي جا آهن. هاڻوڪو مرشد سر آغا خان اٿن. عمرڪوٽ ۾ رهن ٿا. چمڙي، ڪلن، جو واپار ڪندا آهن.

سرائي: ڪي بلوچ قومون سرائڪي بولي ڳالهائيندڙيون آهن، جن کي سرائي چوندا آهن. ٿر ۾ سرائي لفظ وڏيس جي معني ۾ ڪم ايندو آهي.

چاچڙ: اصل هندو هئا، پوءِ مسلمان ٿيا.

سومرا: اصل پرمار هندو راجپوتن مان آهن، پوءِ مسلمان ٿيا. ڪاڇي ۽ پين پڻ رهن ٿا.

کوکر: اصل پنجاب جا آهن. پوءِ سنڌ ۾ آيا، جتان ٿر ۾ اچي رهيا.

مهر: اصل هندو هئا، پوءِ مسلمان ٿيا.

ميمڻ: اصل هندو لهاڻا هئا. پندرهين صديءَ ۾ سيد يوسف الدين قادري بغداد مان لنڊي ۾ آيو، جنهن جا هو مريد ٿيا. سنڌ مان ڪڇ، بمبئي ۽ ٿر ڏي ويا. هيءَ واپاري ۽ شاهوڪار قوم آهي. ڏيپلي، ننگرپارڪر ۽ پين هنڌن رهندا آهن. گيهه جو واپار ۽ دڪانداري مکيه ڌنڌو اٿن. ڏيپلائي ميمڻ ڪيترا پڙهيل ۽ وڏين نوڪرين ۾ آهن. شاهوڪار، تعليم يافته، ترقي پسند ۽ واپاري قوم آهي.

Marfat.com

جو پلاند لڳي ويو تہ گهر وڃي سنان ڪندا، يا پاڻيءَ جو ڇنڊ و هڻندا. تعليم يافتہ ۽ نون خيالن جا نوجوان ايتري ڇوت ڇات ڪونہ ڪندا آهن، پر پوڙها ۽ اڳئين زماني جا پليل، ۽ خاص ڪري زالون ڏاڍي ڇوت ڇات ڪنديون آهن.

مسلمانن جو ورتاءُ اڇوتن سان سٺو آهي، هو هٽ لائي، گڏ وهڻ، يا ساڳئي وهٽ تي چڙهڻ ۾ ڪوبہ عار ڪونہ ڪن، گڏجڻ وقت اڇوتن سان هٿ ۾ هٿ ملائيندا آهن، گهرن ۾ اچڻ کان بہ منع ڪونہ ڪن.

هندو نائي، اڇوتن جي سنوارت ڪونہ ڪن، هندو ڌوبي اڇوتن جا ڪپڙا ڪونہ ڌوئين، مسلمان حجم حجاست بہ ڪن، ۽ مسلمان ڌوبي ڪپڙا بہ ڌوئين. هندو جيتوڻيڪ اڇوڪين سياسي چالاڪين جي ڪري اڇوتن کي هندو ليکين ٿا، پر ساڻن ورتاءُ جانورن جهڙو ڪن ٿا. اڇوت هندو ڪونہ آهن، هو هڪ جدا فرقو آهن. پاڪستان سرڪار سنہ ۱۹۵۱ع جي آدمشماري ۾ اڇوتن کي جدا شمار ڪيو آهي: ڪين سياسي حق بہ جدا ملڻ گهرجن، جنهن ۾ ئي اڇوتن جو فائدو آهي.

Marfat.com

# باب پندرهون

## ٿرپارڪر جي معاشي حالت

ٿر جو ملڪ وارياسو، ڪٿي سنئين زمين، ته ڪٿي ڏڙا ۽ ڀٽون، جن تي چڙهڻ سان پير پوئتي وڃن. سياري جو واري جلد ٿڌي ٿيو پوي، جنهنڪري سردي جام، ته اونهاري جو وري سج جي تپت ڪري آب هوا گرم. ويتر جو انهيءَ موسم ۾ ڏکڻ الهندي جي هوا زور سان لڳي، جنهن سان گڏ وري واريءَ جو طوفان اهڙو اٿي، جو گهر کان ٻاهر نڪرڻ ئي مشڪل. ڪڏهين ڪڏهين وري اهڙي ڪوسي هوا (لوءَ) لڳي جو بدن ئي ساڙيو ڇڏي.

ٿر جي آباديءَ ۽ سرسبزيءَ جو مدار برسات تي، سو اونهاري جو جهنگ ۾ سواءِ وڻن ٽڻن جي گاهه ۽ ٻوٽا ڏسڻ مشڪل. مينهن به ڪڏهين گهڻو وسي ڪڏهين ٿورو، ته ڪڏهين اصل ڪونه پوي. ملڪ ۾ نڪا ندي نڪا نهر، نڪو ڦاٽ نڪو واهه. ڀٽن تي، ڪونڀٽ جام ۽ ٻيا وڻ ٻائوري، موراڙي، ڪبڙيون، ۽ ڏهرن ۾ وري ڪنڊي ۽ ٻير جام. ڏاڳن ۾ وري ٿوهر ۽ پوهه اڪيچار، ڪٿي آڪ ۽ ٿوهر به ٿين. جي وسڪارو پلو، ته پوءِ ڀٽن تي ۽ ڏهرن ۾ گاهه جام، زمين تي چڻ ته سائو غاليچو وڇايو پيو آهي. انهيءَ وقت ٿر، ڪشمير جون سڪون پيو لاهي. ٿر ۾ به اهي نظارا موجود

کوکروپار، ۽ مونا باءِ. اڳتي ٣ ميل وسٽو ٿَل آهي، اتان وري پارت جي ريلوي شروع ٿئي ٿي.

ڇوڙ بعد ٿر وارو پاڪو آهي. ڇوڙ اسٽيشن عمرڪوٽ کان ١٤ ميل آهي، جتي اٺن، موٽر ۽ لاريءَ وسيلي آمدرفت چالو آهي. اڳي ٿر جو گهڻو واپار عمرڪوٽ وسيلي ڇوڙ اسٽيشن تان هلندو هو. مٺي ۽ ڏيپلي تعلقن جو جهڏي اسٽيشن تان. پر هاڻي جهڏي کان اڳتي شاخ ڦوري واري نڪرڻ ڪري، ڏيپلي ۽ مٺي تعلقن لاءِ صدر اسٽيشن نئوڪوٽ آهي، جو مٺيءَ کان ٣٣ ميل پري ۽ ڏيپلي کان ٣٤ ميل پري آهي. ڇاڇري ۽ ننگرپارڪر تعلقن لاءِ صدر اسٽيشن ڪنري آهي، جا ڇاڇري کان ٤٨ ميل ۽ چيلهار کان ٣٠ ميل پري آهي.

## لاري ۽ موٽر رستا

ٿر ۾ ڀٽن ۽ واريءَ سبب رستن جي مٺيءَ حالت نه هئڻ ڪري موٽر ۽ لاري سروس جو اڳي ڪنهن کي به خيال ڪونه هو ۽ نڪا ڪا اهڙي ڪنهن ڪوشش ڪئي، مگر پوءِ ڪن صاحبن اها ڪوشش ڪئي. سنه ١٩٤٩ع ۾، سنڌ سرڪار جا منسٽر صاحب، جوڌپور سرحد سان لاڳيتو بارڊر جي جاچ لاءِ، جيپ وسيلي آيا هئا. مير احمد خان صاحب ٽالپر ايم. ايل. اي ۽ سندس ڀاءُ مير حاجي محمد بخش خان صاحب ٽالپر جيپ وسيلي ٿر جو گشت ڪيو. پوءِ ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ صاحب پوليس ٿر به جيپ وسيلي ٿر جو گشت ڪيو. اپريل ١٩٥١ع کان ڪنري، چيلهه، کانئٽي کان ڇاڇري تائين، ۽ ڪجهه وقت پوءِ نئين ڪوٽ کان مٺي ۽ اڳتي اسلام ڪوٽ ۽ ننگرپارڪر تائين لاري سروس چالو آهي، جا روزانو اچي وڃي ٿي. هاڻي ڪي سرڪاري آفيسر ۽ ڪيترا زميندار جيپن وسيلي ٿر جو گشت پيا ڪن، ۽ جيپون ۽ لاريون عام جام سڄي ٿر ۾ هلن پيون.

Marfat.com

# باب سورهون

## ٿر جا رواج رسمون

ٿر ۾ مکيه قومون مسلمان، اڇوت ۽ هندو رهن ٿا. هر هڪ قوم جون ڪيترين ئي ذاتيون آهن، جن جي پوشاڪ، رهائش، ۽ ربتن رسمن ۾ ٿورو گهڻو تفاوت آهي. پوشاڪ ۽ ٻوليءَ بابت، جدا احوال ٻئي هنڌ لکيو ويو آهي. هتي ڪن خاص رسمن جو مختصر ذڪر ڪجي ٿو.

### شادي

مسلمان، پنهنجائيءَ جو گهڻو خيال ڪن ٿا. پنهنجي ڪڙم ۾ ايرو سيرو هوندو، ته نياڻي ڌارين کي ڏيڻ پسند ڪونه ڪن. ڪُ-جوڙي جو خيال ڪونه ڪن: مڙس وڏو زال ننڍي، يا زال وڏي مڙس ننڍو، اهو خيا ڪونه ڪن. پنهنجو سڄو ٻه ڌاوئين سائي ڪان مٿر سمجهن. چاچي جي ڏيءَ سان شادي ڪرڻ ۾ شان سمجهن: جيڪڏهين، ڪنهن سوٽ ٻسان شادي نه ڪئي، ته مهڻو ڏيندا آهن ته ”ٿوروني ڏاڏي پوني پرٽيو آهين!“ لاچار ڪن حالتن ۾ نياڻي ٻاهر ڏيندا آهن. نياڻيون آهن آڪرڙيون؛ وٽندي ويرم ڪونه ڪن- وڏور ڪنيا گهر ۾ هئڻ ٻـار سمجهن: جيسٿن ان جو آڪلاءُ نه ڪن، تيسين آرام ڪونه اچين. نياڻي شينهن ڪلهي چڙهيي، ته ڳنتي لٿي. پنهنجي حال سارو سدائين ڏيج پوت جي سعيي ۾ رهندا ”ٻندي“ جو رواج آهي: ”ڏي ته ڏيان“- ڪن ٻٽانٽن ڳهرن کي بنا

Marfat.com

نرڳ ڀوڳيندو وڃي! اهو ڪٿي جو انصاف؟ افسوس جو ٻيرسن ۽ ڪوڙي لوڪ-لڄا جي وس ٿي، ماڻهو ڪيئن نه پنهنجو، اولاد جو ۽ قوم جو خانو خراب ڪري رهيا آهن! هن وقت ٻين قومن اوسر جو رواج گهٽ ڪيو آهي، پر ميگهوارن ۾ اڃا اهو رواج هلندو اچي، جنهنڪري اها قوم سدائين قرض ۾ ٻڏل، پيٽ قوت لاءِ لاچار ۽ اجهي لاءِ حيران آهي - الائجي ڪڏهين سمت ايندي!

## پردو

ٿر جي هندن ۾ پردي جو رواج ڪونهي، عورتون فقط ڌارئي ماڻهوءَ کان ڇڻي يا اوڍڻ جي پلؤ سان منهن ڍڪينديون آهن، جنهن کي ’گهونگهٽ‘ چئبو آهي. عورتون پردي کان سواءِ گهرو ڪم ڪار، گهر کان ٻاهر توڙي اندر، ڪنديون آهن. ٺڪرن سان ڪي ٻيٺل گهر ۽ زميندار پردو ڪندا آهن. انهن جون عورتون گهر کان ٻاهر ڪونه نڪرن. سندن گهرن ۾ توڙي ٻاهر جو زنانو ڪم، سندن ٻجيراڻيون يا گوليون ڪن، ۽ ٻيو ڪم انهن جا مڙس ٻجير يا گولا ڪن، جي وڏن گهرن ۾ آهن. ڪيترن کي شاديءَ وقت گوليون ڏاج ۾ ملنديون آهن، ۽ پاڻ به ڌيئرن کي شاديءَ وقت گوليون ڏاج ۾ ڏيندا آهن. باقي ٻيون سڀئي قومون پنهنجو ڪم پاڻ ڪن. مسلمانن ۾ به غريب طبقي ۾ پردو ڪونه آهي، پر زميندار، شاهوڪار، ٻيٺل، سيد يا پيا هلنديءَ وارا ماڻهو پردو ڪن. انهن جون عورتون ٻاهر ڪونه نڪرن. ڪم سان لاچار ڪٿي ٻاهر وڃڻو پوي ته پردي ۾ وڃن. ڏيپلي جي ميمڻن ۾ ڪجهه وقت کان پردو شروع ٿيو آهي، جو ميمڻ شاهوڪار، واپاري، پڙهيل ۽ گهڻي ڀاڱي نوڪرين ۾ آهن. هنن ۾ برقعي جو رواج آهي. ٻاهر نڪرڻ وقت عورتون برقعو ڪن.

Marfat.com

اُٺ کي ڇاتيءَ ۾ هڪ مرض ٿيندو آهي، جنهن کي ”گوهه“ جو مرض چوندا آهن. اهو ڪدام خوفائتو آهي: مهل تي علاج نه ٿيو ته جانور مري وڃي. ان لاءِ لوهه جي شيخ سان ڇاتيءَ تي گول ڏنڀ ڏين. مطلب ته مال کي گهڻائي مرض ٿين، جن جا سڀ معمولي علاج به پاڻ ڪن.

Marfat.com

# باب سترهون

## ٿر جي تهذيب ۽ تمدن

ٿر جي سيپتا ۽ اتهاس، سنڌ جي سيپتا ۽ اتهاس جو جز ۽ جگر آهن. البته ٿر جي مخصوص ماحول سببان، ٿر جي ماڻهن جي پوشاڪ، رهڻي ڪهڻي، اخلاق، شغلن ۽ ادبي ذوق انداز فڪر ۽ خيال جي اظهار جو نرالو آهي. منجهن تعليم نسبتاً تمام گهٽ آهي: نمونو ڇاڪاڻ جو ٻوٽ پري پري آهن، آمدورفت جا وسائل گهٽ آهن، جنهنڪري تعليم کي عام رائج ڪرڻ ۾ به تڪليفون آهن. هتي ٿر جي تهذيب ۽ تمدن جي ڪن خاص پهلوئن جو ٿورو بيان ڏجي ٿو.

### ماڻهن جي پوشاڪ

ٿر جا ماڻهو ويچارا سادا: پوشاڪ سادي، ڪاڏو سادو- غريب ۽ شاهوڪار پوشاڪ مان پرکڻ مشڪل. جي ملڪ سائو ۽ سر سبز، ته مالدارن جا منهن پيا ٻهڪندا، پر جي برسات گهٽ، ته ماڻهو موڳا ۽ ملول.

برهمڻ ۽ ڪراڙن کان سواءِ ٻيون سڀ هندو ذاتيون نڪر، مينگهواڙ، ڀيل، ڪولهي ۽ مسلمان ڏاڙهي ۽ وار ڪونه ونائين. ڏاڙهيءَ لاءِ ڏاڍي عزت اٿن- شل نه ڪو انهيءَ لاءِ گٿو لفظ ڪم آڻي. مسلمان ڏاڙهيءَ کي ڪيس ڪن ۽ ڪهڻا ميندي لائين. ڪراڙ ۽ برهمڻ ڏاڙهي ۽ مٿي جا وار ونائين، فقط مٿي تي وچ ۾ چوٽي رکائين، جنهن کي هو ڌرمي نشان

Marfat.com

سا دل کي وڻندڙ آهي. کنوار کي ساهري رواني ٿيڻ وقت پنهنجيءَ سنڌس سهيليون جيڪو "ڍورو" گيت ڳائينديون آهن، سو به هڪ اثرائتو، من موهيندڙ ۽ معني وارو گيت آهي، جنهن جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

دريـاءَ ري ڪپ ويـن مـاءَ پـاٻڻين،
گهوري ڍوراٿي ري ڪپ را جهاڙ-ڍوروا
ڍورو ساڃي هيم روا
١- پيڃين ماءَ سرتين منان اوڏڙيـن،
ماءَ مانهجي ڏيئل ٻائي وهبو ڙي ڍور-ڍورو
٢- ڪيهي جي رو جايـل سـوريـو،
ڪيهي جي ري جايـل ڏيـل - ڍورو
(١) ............... جي رو جايل موريو،
(٢) ....... جي ري جايل ڏيل - ڍورو
٣- پڳ تـان جهبوڪـي پـولـري،
هينڙي جهبوڪـي هـار - ڍورو
٤- هـجـاران هـٿـان رو گهاگهرو،
گهوري، سـووهن سَرئيو هـار - ڍورو
٥- چـڙهتـي نـوڙيـو گهاگهرو،
آتـرتي نـوڙيـو نوسَرَ هـار- ڍورو
٦- بـيـري جـي جهليو ڏيـولـو،
پايـل پرويـو نوَ سـر هـار - ڍورو
٧- ڍورٿي ڍوتـي ٻـاڇلڙي ڦـوڙي،
مانهجو ڏاڏاڻو رهي گيو ڍور - ڍورو
٨- اونڏين تان ڪيبين ڪيٿين گهوري،
جهرمـر بـرسـيـن ميگهه - ڍورو.

---

(١) گهوٽ جي پيءُ جو نالو وٺبو. (٢) کنوار جي پيءُ جو نالو وٺبو.

Marfat.com

۹- پريا ماءُ توپا توپڙين گهوري،
پريو مانهنجي ڏاڏاڻي رو ڏيس - ڏورو
۱۰- پينو ماءُ پينو جوڻا جي رو موريهو،
پينو ڀائي رو نوسر هار - ڏورو
(اڃا پيا به ڪيترائي بند آهن)

## ٿر جو شعر

ٿر ۾ ڪي ناميارا شاعر ڪونه ٿيا آهن. عام ماڻهو جهنگ جهر، ڍني ڍاري ۾ يا مالدار ماڻهو مال چاريندي جهنگ ۾ گهمندو ڪري شاهه صاحب جا بيت ۽ ڪافيون، مارئي بابت ڏار ڏار شاعرن جون چيل ڪافيون ۽ بيت چوندا آهن. ڪڏهين ڪڏهين مومل ۽ مسئي ڪي به ساريندا آهن. ٿر ۾ ٿي شاهه جا بيت، مارئي، سهڻي، مسئي، ليلان ۽ سانوڻ فقير جا بيت ڪچهرين ۾ چوندا آهن.

نج ٿر جو شعر به آهي، جو ٿري ماڻهو چاهه سان چوندا آهن. اهو ڪنهن جو ٺاهيل آهي، تنهن جي پوري خبر نه آهي. ڪن ڪن ٿري شاعرن به چڱو شعر چيو آهي، مگر اهو ڪٺو ڪير ڪري؟ نج ٿري شعر ڪٺو ڪجي ته جيڪر چڱو ڪتاب جڙي پوي. ٿري شعر ۾ ڪيتريون ئي خوبيون آهن: ڪيترا بيت روح کي راحت ڏيندڙ آهن، نموني طور هڪ شعر پيش ڪجي ٿو.

منهنجا منا جاني، اڃا ٿي جيئان ڙي،
ور ڏي ٿون وراڻي ڪري ڙي!
منهنجا جوان جاني! اڃا ٿي جيئان ڙي.
۱- ڪارو تان ڀمڪو، جورا! چونڪيو چڱو ڙي،
چڪي ري چيڙئي سنان ڪو ماوي ڙي - منا جاني ....

Marfat.com

هيٺ آهي، جنهن جي پريزيڊنٽ کي سڀ اختياريون آهن. ڀهريائين مٺي ۾ اي - وي اسڪول ١٩١١ع ۾ کليو، جو پوءِ هاءِ اسڪول ٿيو. ڏيپلي ۽ عمرڪوٽ ۾ ٻه هاءِ اسڪول آهن. ڇاڇري ۾ اي - وي اسڪول آهي، جتي پنجن درجن تائين تعليم ڏيڻ ۾ اچي ٿي. گڏڙي ۽ ننگرپارڪر ۾ انگلش ڪلاس ٽن درجن تائين هئا، جي پوءِ بند ٿي ويا. اسلامڪوٽ، ڇيلهار، وانجهو خان نون، اڏاڻي ۽ ڪانٽيي ۾ انگلش ڪلاس آهن.

اڳي ورنيڪيولر فائنل امتحان ڇوڪرن توڙي ڇوڪرين لاءِ عمرڪوٽ سينٽر ۾ ٿيندو هو، پر سال ١٩٣٨ع کان وٺي اهو امتحان مٺي ۾ ٿيڻ لڳو. وچ ۾ ٢-٣ سال مٺي بدران ڏيپلو سينٽر ٿيو، پر هاڻي وري امتحان مٺي ۾ ٿئي ٿو. سال ١٩٥١ع کان ضلعي لاءِ ٽي سينٽر ميرپورخاص، مٺي ۽ ڏيپلو مقرر ٿيا آهن. هن امتحان کي هاڻي ”پرائمري اسڪول ليونگ سرٽيفڪيٽ امتحان“ چئجي ٿو، جو نالو سيپٽمبر ١٩٣٩ع کان بدلايو ويو آهي. اڳي اهو امتحان سيپٽمبر مهني ۾ ٿيندو هو، پر اپريل ١٩٤٠ع کان وٺي اهو امتحان سيپٽمبر بدران اپريل ۾ ٿئي ٿو. ٿر جي شاگردن کي مٺي سينٽر ٿيڻ ڪري وڏيڪ سهوليت آهي. مٺي ۽ عمرڪوٽ ۾ سنسڪرت سکيا لاءِ پاٺشالائون آهن - مٺيءَ ۾ پاٺشالا ١٩٣٨ع ۾ کلي آهي.

Marfat.com

| تعلقا | ٽڪ | ٽپا | پوسٽ آفيس | ڊڪ | پوليس ٿاڻا | سينيٽري بورڊ | اسپتالون | مردانا اسڪول | زنانا اسڪول | انگلش اسڪول | مسافرخانا |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| عمرڪوٽ | ٤ | ١٥ | ٧ | ٤ | ٥ | ٢ | ١ | | ٤ | ١ | ٧ |
| مٺي | ٥ | ١٠ | ٢ | ٢ | ٥ | ٢ | ١ | | ٢ | ١ | ٦ |
| ڇاڇرو | ٦ | ١٦ | ٣ | ٣ | ٦ | ٣ | ١ | | ٣ | ١ | ٨ |
| ڏيپلو | ٣ | ٧ | ٢ | ٤ | ٥ | ١ | ١ | | ١ | ١ | ٩ |
| ننگرپارڪر | | | | | | | | | | | |

ٿر ۾ تعلقن جي هيڊڪوارٽر وارا ڊڪ سدائين کليل آهن، باقي ٻيا ڊڪ فقط چار مهنا ڪن برساتي موسم ۾ ١- آگسٽ کان ٣٠- نومبر تائين کليل هوندا آهن.

Marfat.com

# "تاريخ ريگستان" لاءِ مدد ورتل

# ڪتابن جي فهرست

## سنڌي ڪتاب

١- "قديد سنڌ" مصنف مرزاقليچ بيگ فريدون بيگ، سال ١٩٢٥ع.

٢- "سوڍن جي صاحبي يا راڻن جو راڄ" مصنف ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، سال ١٩٢٤ع.

٣- "سنڌ جي هندن جي تاريخ" مصنف ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، ياڱو ڀڳو ڀهريون ١٩٤٦ع، ڇاپو ڀهريون.

٤- "پراچين سنڌو سيپتا" مصنف مهراج دوارڪا پرشاد شرما.

٥- "جواهر جيوني" ياڱو پيو مترجم ٽيرٿ وسنت.

٦- "الوحيد" اسپيشل ايڊيشن، ڇپيل ڪراچي، ١٥- جون ١٩٣٦ع. سنڌ آزاد نمبر

٧- "سنڌ جي تاريخ" مصنف شمس العلماءَ خان بهادر مرزاقليچ بيگ فريدن بيگ سال ١٩٠٣ع.

٨- "امرڪوٽ اتهاس" مصنف تيج سنگ سولنڪي، تپيدار، ڇاپو ڀهريون، ڇپيل حيدرآباد، سال ١٩٣٣ع.

Marfat.com

٩- سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" مصنف ڀيرومل مهرچند آڏواڻي،
ڇاپو ڀهريون، ڇپيل ڪراچي،
سال ١٩٤١ع.

١٠- "گلزار نثر" مصنف ڀيرومل مهرچند آڏواڻي.

١١- "سنڌ جي ادبي تاريخ" خان بهادر محمد صديق ميمڻ،
ڇاپو ڀهريون، ڇپيل حيدرآباد،
سال ١٩٣٦ع.

١٢- "سنڌ جي ونگين تاريخ" خان بهادر محمد صديق ميمڻ
۽ قاضي عبدالنبي، ڇاپو پيو،
ڇپيل حيدرآباد، سال ١٩٣٣ع.

١٣- "تاريخ سنڌ" هاسومل ۽ وويچند.

١٤- "انتخاب تاريخ طاهري" مترجم خان بهادر حاجي محمد صديق
ميمڻ، سال ١٩٢٨ع.

١٥- "تاريخ سنڌ" ڀاڱو ٻيون مصنف عبدالغني، ڇپيل حيدرآباد،
سال ١٩٣٩ع.

١٦- "وڏو قصو دودو ۽ چنيسر" مصنف حاجي حقير ابن منگڻ ڇپيل
حيدرآباد، سال ١٩٠٣ع.

١٧- "تاريخ سنڌ" مصنف مولچند منگهومل واسواڻي،
ڇاپو ٻيون، ڇپيل حيدرآباد،
سال ١٩٣١ع.

١٨- "عمر مارئي" مصنف رويچرام گنگارام سڌاڻي،
ڇاپو ڀهريون، ڇپيل حيدرآباد،
سال ١٩٣٠ع.

١٩- "هڪڙي ڀڏمٽي" (ناٽڪ) مصنف پروفيسر رام پنجواڻي.

Marfat.com

١٠- ”روح رهاڻ“ مصنف ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي.

٢١- ”بدنصيب ٽري“ (ناٽڪ) مصنف محمد اسماعيل عرساڻي، ڇاپو پهريون، ڇپيل حيدرآباد، سال ١٩٤٧ع.

٢٢- ”ابوالفضل ۽ ملافيضي“ مصنف حڪيم مولوي فتح محمد سيوهاڻي، سال ١٩٣٦ع.

٢٣- ”همايون جو خواب عرف اڪبر جو جنم“ مصنف چيتن ليکراج ماڙيوالا، ڇاپو پهريون، ڇپيل ڪراچي، سال ١٩٣٢ع.

٢٤- ”بيگلار نامو“ مترجم خان بهادر حاجي محمد صديق ميمڻ، ڇاپو پهريون، ڇپيل حيدرآباد، سال ١٩٤٧ع.

٢٥- ”سنڌ جو شاهنامو“ مترجم خانبهادر محمد صديق ميمڻ.

٢٦- ”سنڌ جو پراچين اتهاس“ ڀاڱو ٻيون مصنف ڀيرواج دوارڪا پرشاد شرما، ڇپيل حيدرآباد.

٢٧- ”تاريخ سنڌ“ ڀاڱو چوٿون (ارغون ۽ ترخان) مصنف مسٽر محمد صديق گلا بخان ”مسافر“، سال ١٩٤١ع، ڇپايل ”سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي“ حيدرآباد.

٢٨- ”سير ريگستان“ مصنف مسٽر محمد اسماعيل عرساڻي، ڇپيل حيدرآباد، سال ١٩٥١ع، ڇاپو پهريون.

Marfat.com

## اردو ڪتاب

١ـ ”وقائع راجستان“ ڀاڱو پهريون } مصنف حڪيم مولوي نجم الغني،
٢ـ ”وقائع راجستان“ ڀاڱو ٻيو } سال ١٩٢٦ع، ڇپيل
همدرد پريس لکنو.

٣ـ ”تاريخ هندستان“ ڀاڱو ٻيو } مصنف خان بهادر شمس العلماء
٤ـ ”تاريخ هندستان“ ڀاڱو پنجون } مولوي ذڪاءالله، ڇپيل
عليگڙه، سال ١٩١٨ع.

٥ـ ”تاريخ فرشته“ ڀاڱو پهريون } ڇپيل نول ڪشور پريس
٦ـ ”تاريخ فرشته“ ڀاڱو ٻيو } لکنو، سال ١٩٢٥ع.

٧ـ ”تاريخ وسياسيات“ ڀاڱو پهريون ليکڪ مولانا سيد سليمان ندوي، اپريل ١٩٥١ع.

٨ـ ”واقعات دارالحڪومت دهلي“ مصنف بشيرالدين احمد دهلوي، ڀاڱو پهريون سال ١٩١٩ع.

٩ـ ”مغلن جي هند ۾ سلطنت“ مصنف مسٽر شرما.
ڀاڱو پهريون

## گجراتي ڪتاب

١ـ ”تاريخ گجراتي“ مصنف مگن لال بخت چند، ڇپيل احمدآباد، سال ١٨٧٠ع.

٢ـ ”ڪڇ جو اتهاس“ مصنف جيرامداس جيٺاڀائي - نيم - گانڌي، انجار، ڇاپو پهريون، ڇپيل احمدآباد، سال ١٩٢٦ع.

Marfat.com

٣- ”ٽاڊ راجستان“ ڀاڱو پهريون } مترجم رتن سنهه ديپ سنه پرمار، چڇپيل ”مستوساهتيه پستڪاليه“ احمدآباد، سنبت ١٩٨٢، سال ١٩٢٥ع.
٤- ”ٽاڊ راجستان“ ڀاڱو ٻيو }

٥- ”ويرني واتو“ ڀاڱو پهريون مصنف تاراچند پوپٽ لال ڇپيل احمدآباد، سال ١٩٢٨ع.

٦- ”سنڌ جي اتهاسڪ آڪاڻين جو ڪتاب“ سال ١٩٣٢ع.

٧- ”سنڌ جو اتهاس“ مصنف اسيد علي ڪريم بخش، هيڊ ماستر عمرڪوٽ، ڇپيل احمدآباد، سال ١٨٨٧ع

٨- ”ڪڇ نو ڪيسري اتوا - دودو اني چنيسر“ مصنف نارائڻ وشنجي، ڇپيل بمبئي، سال ١٩٢٩ع.

٩- ”ڪڇ نو ڪارتڪيه - جاڙيجو وير ڪنگهار“ مصنف وشنجي چتريج، سال ١٩٢٢ع.

١٠- ”راس مالا“

١١- ”ڪڇ جي. رس ڌار“

١٢- ”اڪبر بادشاهه جو جيون چرتر“ مترجم پيمجي هرجيون، ڇپيل احمدآباد، سال ١٩١٦ع.

١٣- ”مارواڙ اتهاس“ مصنف جگديش سنگهه گهلوت جوڌپور.

١٤- ”راڻڪ ديوي اني راءَ ڪنگهار (ناٽڪ)“ ڇپايل مهاديو رامچند و چاگيه وسٽ، ڇپيل احمدآباد، سال ١٩٣٩ع.

Marfat.com

١٥- "تاريخ گجرات" مصنف شيخ غلام محمد، ڇپيل مصطفائي پريس، بمبئي.

## عربي ۽ فارسي ڪتاب

١- "تاريخ فيروز شاهي"
٢- "تاريخ معصومي"
٣- "چچ نامو" ٻاڳو ٻيو
٤- "تحفة الكرام" ٻاڳو پهريون
٥- "تحفة الكرام" ٻاڳو ٻيو
٦- "تحفة الكرام" ٻاڳو ٽيون
٧- "منتخب التواريخ"
٨- "تاريخ عجائب الاسناد"
٩- "لب تاريخ سنڌ"
١٠- "غياث اللغات"

## هندي ڪتاب

١- "راجپوتانا اتهاس" ٻاڳو پهريون مصنف جگديش سنگهه - جي- گهلوت، ڇاپو پهريون، ڇپايل "هندي ساهتيه مندر" جوڌپور، جولاءِ ١٩٣٧ع.

٢- "ٽاڊ راجستان" ٻاڳو پهريون
٣- "ٽاڊ راجستان" ٻاڳو ٻيو
ڇپيل وينڪٽيشور پريس بمبئي، سال ١٩٢٥ع.

Marfat.com

٤- "اوجها سولنڪيون ڪاپراچين اتهاس" مصنف پنڊت گوري شنڪر هيراچند اوجها، سال ١٩٠٧ع.

٥- "پشڪرڻا سجن چرتر" ڀاڱو پهريون مصنف پنڊت موتي لال شرما، ڇپيل ڪراچي، سال ١٩٣٠ع.

٦- "اتهاسڪ گرنٿ مالا" پستڪ پهريون

٧- "پرٿوي راجه راسا"

## Bibliography of English Books

1- "Sind Gazetteer", B. volume, Tharparkar District; dy J. W. Smith, 1919.

2- "Great Trigonometrical Survey of India", 1863.

3- "Rajasthan" volumeI, by Colonel JamesTod.

4- "Journal of the Sind Historical Socicty", volume VIII, No:.2, June 1947.

5- "Imperial Gazetteer of India", volume IV.

6- "Antiguities of Sind", by Henry Cousens, Calcutta, 1925.

7- "Royal Asiatic Society Journal", 1905.

8- "Budhist Record of the Western World", volume II.

9- "History of Kathiawar", by William Vilber F. Bell.

Marfat.com

10- "Indus Delta Country", by Major R. Haig, London, 1894.

11- "Bombay Presidency Gazetteer", volume VII, 1880.

12- "History of India", Vol: I, V, by Sir Elliot, 1867.

13- "Cutch", by T. Postans, 1839.

14- "Sind", by J. Abbot, 1924.

15- "Sind and its People", by Burton.

16- "Akbar Nama". Volume I and II, Translated by H. Bewaij I. C. S.

17- "Humayun Nama", by Gulbadan Begum, Translated by H. Bewaij I. C. S.

18- "Sind Historical Society Journal", Vol: IV, Part III,

19- "History of Sind", vol: II, by Mirza Kalich Beg, Karachi, 1900.

20- "Tod's Rajasthan", Vol: III, by William Croke.

21- "Report on Marwar Population", Vol: III, 1891.

22- "Sind Gazetteer", by Hughs.

23- "Memoir of the Thar and Parkar Districts of Sind", by Captain Stanley Napier Raikes Bombay, 1856.

24- "Mihran of Sind and its Tributeries", by Major Raverty, Calcutta, 1892.

25- "The Journal of Sind Historical Society", Vol: II, Part IV March 1937.

26- "Narrative of a Visit to the Court of Sind", by James Burnes, 1839.

Marfat.com

27- "History of Alienation", Vol: I, by Aitkin.
28- "Gazetteer of the Countries Adjacent to India on North-west, Including Sind", 1844.
29- "Selections from the Premutiny Records of the Commissioner in Sind", Vol: VIII. District Tharparkar.
30- "Report of the Archaelogical Survey of India", 1903-1904.
31- "Ain-e-Akbari", Translated by Gladstone.

Marfat.com

Marfat.com

# سنڌي ادبي بورڊ جا ڇاپيل

## ڪي پيا ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| ١. | رهاڻ | ١٥-٠٠ |
| ٢. | ياد گيريون | ١٥-٠٠ |
| ٣. | ڪنڌڙيءَ وارن جو ڪلام | ١٥-٠٠ |
| ٤. | ايشيا جون لوڪ ڪهاڻيون | ١٠-٠٠ |
| ٥. | قديم سنڌ | ٣٠-٠٠ |
| ٦. | سومرن جو دؤر | ٢٥-٠٠ |
| ٧. | سچل جو سنيهو | ١٢-٠٠ |
| ٨. | ديوان بيکس | ١٥-٠٠ |
| ٩. | نانڪ يوسف جو ڪلام | ٤٠-٠٠ |
| ١٠. | ڪهين جا قول | ٢٠-٠٠ |
| ١١. | رسالو سچل سرمست (سنڌي) | ٥٠-٠٠ |
| ١٢. | رسالو سچل سرمست (سرائڪي) | ٥٠-٠٠ |
| ١٣. | مير محمد معصوم بکري | ٥٠-٠٠ |
| ١٤. | جنب گذاريم جن سين (ڀاڱو ١) | ٤٠-٠٠ |
| ١٥. | جنب گذاريم جن سين (ڀاڱو ٢) | ٩٠-٠٠ |
| ١٦. | تاريخ معصومي | ٥٠-٠٠ |
| ١٧. | ڪليات خادم | ١٠-٠٠ |
| ١٨. | ڪليات حمل | ٥٠-٠٠ |
| ١٩. | ٿين مصر جا پراڻا ورق | ٢٥-٠٠ |
| ٢٠. | جنت السنڌ | ٧٠-٠٠ |
| ٢١. | مشاهير سنڌ (جلد ١، ٢ ۽ ٣) | [illegible] |
| ٢٢. | ڪيمياءِ سعادت (جلد ٢) | [illegible] |
| ٢٣. | ڪافيون (جلد ١) | [illegible] |
| ٢٤. | ڪليات سامي خانڻ چنيلي | [illegible] |

Marfat.com